ساوتري ولاس

ستي ساوتريءَ جي دردناڪ ڪٿا

رچيندڙ

سنت پهلاجرام ڪوي

O.T.
22 MAR 1935

سنه ١٩٣٥ع

ڇاپيون هڪ هزار

[illegible] حق واسطا قائم

قيمت ٠-٢-١ رعايتي صافي ٦ آنا

ڇاپيل - هريسنگهه سنس ڪتبخانه ڇاپخانه

پسارڪي بزار سکر

ڪوڙي پهلاج رام صاحب جا رچيل
پستڪ هڪ روپئي جا ۴ آنن ۾ ڏنا

مهراڻ ولاس	٠-١٤-٠	رعايتي	٠-٣-٦
حقيقت راه ولاس	٠-٩-٠	"	٠-٢-٣
پرهلاد ڀڳت ولاس	٠-٩-٠	"	٠-٢-٣
ٻائي ميهه مکي ولاس	٠-١٠-٠	"	٠-٢-٦
سري ڪرشن ولاس	٠-١٤-٠	"	٠-٣-٦
ساوتري ولاس	١-٢-٠	"	٠-٤-٦
سورداس ولاس	٠-١٤-٠	"	٠-٣-٦
برج ولاس ڪوئي ولاس	١-٢-٠	"	٠-٤-٦
روپ بسنت ولاس	١-٢-٠	"	٠-٤-٦
پهلاج ٻچن مالا ۽ ڌمول	٠-٣-٠	"	٠-٠-٩

مٿيان ڪتاب گرمکي اکرن ۾ به ملي سگهندا .

(نوٽ) سيٺي ڀائرن کي سڌ ڏجي ٿي ته ڪوڙي پهلاج رام صاحب جا پستڪ گرمکي ۽ سنڌي ۾ اسان وٽ ڇپيل آهن جي سنڌ جي سڀني ڪتب فروشن وٽان ملي سگهندا پر ڪوڙي صاحب جا ڪتاب ڪوڙي صاحب جي تصوير سان ۽ اسانجي دوڪان جو نالو ڏسي وٺندا جو جو اڄ ڪالهه ڪي لوڀي بڪ سيلر ڪوڙي صاحب جي ڪتابن ۾ ڦيرڦار ڪري نقلي ڪتاب ڇپائي ٿا ۽ گرو ڪن ٺڳي ڪري اهڙن لڪين کان ساوڌان رهڻ گهرجي . مٿين ڪتابن کانسواءِ اسانجي ڪتبخاني ۾ هزارين قسم ڪتاب سنڌي گرمکي - شاستري - اردو فارسي ۾ ملي سگهن ٿا - فهرست ڪتبخاني جي مفت موڪلجي ٿي -

هريسنگهه سنس ڪتبخانه شاهي پسارڪي بزار سکر

Printed & Published by Mr M. H. Badlani., on behalf of Messrs Harisingh & Sons., at the Harisingh Electric Press. Sukkur Sind.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڪوئي جي جيوني

تعلقه سکر ۾ جنم اسٿان منهنجو
مشهور سنڌ ديش آهي سنسار ۾
مادري علم مون پڙهيو خود ديش مانهه
ڌارمڪ وديا لاءِ من هو مونجهار ۾
ڳولڻ ۾ ڌارمڪ وديا جو نيشان ڪون
رات ڏينهن وديا لاءِ رهيس ويچار ۾
اُنهي مهل عمر هئي سال ٻارهن جي
مائٽن مونکي ڦاسايو وهنوار ۾
مونکي هو ويراڳ وديا لاءِ تنهن ڇڏايو گهر
آخر اڪيلو پهچي ويس هردوار ۾
سوامي شيامانند مشهور ودوان اُتي
سندن مڪان ڪنکڙي جي بازار ۾
وٽن ڏهاڪو سال رهي مون پڙهائي وديا
رات ڏينهن شيوا ڪئي ڪير دربار ۾
ساڌن سڌايو وٺي ڀيکه رهه اسان وٽ
مائٽن سڌايو هلي رهه پروار ۾
ڪير ويچار سکه ناهي استانن ۾
نڪو سکه آهي ڪوئي خود گهرٻار ۾
تياڳي تت ڪال ٿيٽي ڪير آزاد پاڻ
رهيس اڪيلو وڃي رشي ڪيش غار ۾
اشٽ نرسنگهه جي اُپاشنا مون اُتي ڪئي
رات ڏينهن رهيس ٿي سنڌس سينگار ۾
اتي ٿي عمر ڪل پنجويهه سال اهي

ان جل آندو مونکي ديش جي ديدار ۸
لوڪن سڏايو هاڻي وڃي سو ديش مانهه
وقت لڳايو ڪجهه پر اُپڪار ۸
ڪيو مون ويچار ڪيان ڌيان تپ جپن ڪان
آهي ديش ڀڳتي اُتم سنسار ۸
ڌڍهين ڪان ديش شيوڪ مون بنائي ٻاٽ
ڌن اؤرمن کي لڳايو هن ڪار ۸
راڳ جي وسيلي ڪجهه ڪٿا جي وسيلي
ليڪچر جي وسيلي ڪجهه ليک اخبار ۸
الهي تجويز پرچار ديش ديش مانهه
ٻٽي نسڪام تو سٽايان سهچار ۸
آهي استان منهنجو حيدرآباد مانهه
نالو آشرم پهلاج پري پيار ۸
ڪنهن مذهب جو نه پوئلڳ آهي داس
خاص هندو جاتيءَ جي رهان پرچار ۸
اشٽ نرسنگهه منهنجو، پنٿ آ آزادي منهنجو
نالو پهلاج رام ڪوي سنسار ۸

سري نرسنگهاءِ نمه

ساوتري ستيوان

ارٿات

ساوتري ستيوان جي ڪٿا نظم ۽ نثر ۾

سري منگلا چرڻ

واروار وندن ڪرون   ستگر ڪي پد پوڄ
جاس پرتاپ پرگهٽي   اپني آتم سوجهه
تس دن ناس تمام ڀرم   جو چيتن چد روپ
انتر ٻاهر ويوم سم   ستگر ڪيان سروپ
پورن هٽي پهلاج ڪا   ستگر شاماانند
جاس پرسادي پائيو   پورڻ پرمانند
ڪيجيئي ڪرپا ڪرپال   ڌيان من ڌرتا رهون
ديش پرتون ڪي سدا   گڻ گان من ڪرتا رهون

ڪٿا شروع

ڀارت کنڊ جي اندر اشوپتي نالي هڪ وڏو مهاراجا ٿي گذريو
ي جنهنجو پرتاپ سورج جي پرڪاش وانگي ساري کنڊ ۾
ڦهليل آهي - راجا اشوپتي مها پراڪرمي ۽ تيجسوي ٿي گذريو
آهي جو ودوان گڻوان ۽ سچو نياوڪاري هوندو هو - وٽس
سو رکه مثل سنسار جا سڀ موجود هوا پر ويچاري کي سنتان
ڪا نه هوندي هئي جنهن جي چنتا ۾ راجا کي راج تاج جا سڀ زهر
مثل نظر ايندا هوا ـ

(ٻچڻ راڳ ضلع ڀريڙن)

ٽل - ڀارت جو سرمور سچو سري اشوڪ مهاراج هيو
اسٽ اُدءِ لڳ سورج جي - سنسار ۾ جنهنجو راڄ هيو
١ - جنهن جيتي سنسار هٿ ڪيو - دشمن جو سردار ڪيو
گهر گهر اندر گلذار ڪيو - چڙ سڀ ڪاتر سوراج هيو
٢ - جنهن سورڳ بڻايو ڀارت کي - سري رام جهايو ڀارت کي
آزاد ڪرايو ڀارت کي - گڏوان ڪٽي ڪجراج ڏيو
٣ - دو وديا ۾ ودوان وڏو - ٻلوانن ۾ ٻلوان وڏو
۽ جڳ ۾ جنهنجو شان وڏو - بس راجن جو سرتاج هيو
٤ - ها سڀ سک تنهنجي مندر ۾ - سنتان صرف ڏاهي گهر ۾
دو ٻهلاڄ سدا هن فڪر ۾ - اولاد بنا بي تاج هيو

هن طرح راجا اشوڪ پنهنجو راڄ سرس مثل سڀ سک ڏيندڙ ڏسي خوش ٿيندو هو - پر جڏهن راجا کي اولاد جي چنتا ستائيندي هئي اُن مهل پاڻ کي ڏاڍو ڏکي ۽ وياڪل سمجهندو هيو ۽ چوندو هيو ته جنهن گهر ۾ سنتان نه آهي سو ونس نرونس آهي اهو ويچار ڪري هڪڙي ڏينهن راجا پنهنجي گوربراهمڻ ۽ شهر جي وڏن ودوانن کي گهرائي ڪارڻ پڇڻ لڳو ته مونکي سنتان ڪا نه آهي سو تنهنجي پيدا ٿيڻ جو ڪو اُپاءُ ٻڌايو جنهنڪري مونکي سنتان ٿئي جا راڄ جو ڪاروبار هلائي نه ته اولاد کانسواءِ منهنجو راڄ سارو برباد ٿي ويندو ۽ وڏ زمين جي هٿ ۾ هوندو - پيو ٻوڌان ڪريا ڪرم ڪير ڪندو - گرهستي جو گهر سنتان کانسواءِ سنج ٿو سڏجي -

شعر

گلشن سان گلشن سونهي ۽ گهر سونهي سنتان سان

پرش سان استري سونهي ۽ نر سونهي نج گيان سان
ديهه ڇيٽڻ سان سونهي، سونهي ڀڳت ڀڳوان سان
شيام سان مندر سونهي ۽ ڌن سونهي نج دان سان
اڱڻ اُتسو سان سونهي ۽ شير سونهي شان سان
پريم سان ڀلاج سونهي راڳ سونهي تان سان
تئن حويلي پٽن جي سونهي سدا سامان سان

راجا اشوپتيءَ جي هن دکي پربل دانهن کي ٻڌي پنڊتن ويچار ڪيو ته جيڪڏهن اهڙي ڌرماتما کي سنتان نه ملندي ته راڄ سڀ ٽي ويندو - ۽ اڌرم وڌي ويندو - پاپي راجائن جي هٿ ۾ ساري ڪاروبار اچي ويندي جنهنڪري ملڪ جي دردشا ٿي ويندي تنهن ڪري راجا کي سنتان واسطي ڪو اُپاءُ ضرور ڳولهڻ گهرجي نيٺ گهڻي ويچار ڪان پوءِ پنڊتن راجا کي صلاح ڏني ته هي ڀوپال ٿون جيڪڏهن ايڪانت جڳهه ۾ وڃي ساوتري ديويءَ جو آواهن ڪرين ته توکي سنتان ضرور ٿيندي - راجا براهمڻ جي هن صلاح کي قبول ڪيو ۽ ڪجهه وقت راڄ جو ڪاروبار وزيرن کي ڏيئي شهر جي ويجهو ساوتريءَ جو مندر تيار ڪرايو جتي استري پرش ڪٺا ٿي ڪري سارو ڏينهن ساوتريءَ جو آواهن ڪرڻ لڳا ۽ ساوتريءَ اڳيان راجا هيءَ آرادنا ڪرڻ لڳو .

(ڀڄن راڳ ڀيم ڀلو)

ٽل- تڪو ڌن مال تڪو سورڳ جو سامان ڪهي
سهاڳ موڪي سنسار ۾ سنتان ڪهي
ا- ڏسان ٿو راڄ سنتان ري سڀو سارو
موڪي محلات ۾ نهنگر ٿو نشان ڪهي

۲- آهي سينگار اڱڻ ۾ سدائين پٽ پيارو
مونکي ماتا ڏيو فقط پٽ جو هڪ دان ڪجي
۳- گهران نه ريه پنجويه ڏيو مان پٽ توکان
مونکي هڪ لعل فقط گھر ۾ کٽوان ڪجي
۴- آهي ڀلاج اها آس منهنجي اندر ۾
مونکي سنتان ودوان يا ٻلوان ڪجي

هن طرح راجا اشوپتيءَ رات ڏينهن ساوتريءَ ديويءَ جي اڳيان ڏاڍ سچائي ڏني ۽ پڪو پرڻ ڪيائين ته جيستائين ساوتري ديوي پرڪٽ ٿي سنتان جو مونکي دلاسو نه ڏيندي تيستائين ان ۽ جل نه وٺندس نڪو گھر ويندس جي پراڻ تيا ڳڻا پيا ته پراڻ به تياڳيندس اهو ويچار ڪري گھور تپسيا ڪرڻ لڳو. جنهنکي سانده ايڪويهه ڏينهن گذري ويا. هوڏانهن سورڳ ۾ ساوتري ديوي راجا اشوپتيءَ جي تپسيا ڏسي ڏاڍي پرسن ٿي ۽ ويچار ڪيائين ته هاڻي جيڪڏهن راجا کي درسن نه ڏينديس ته پراڻ تياڳي ڇڏيندو، سو هاڻي پرڪٽ ٿيڻ گھرجي اهو ويچار ڪري ساوتري ديوي مهاتيجوان ۽ پرڪاشوان سندر روپ ڌاري راجا جي هون ڪنڊ مان پرڪٽ ٿيڻ لڳي ۽ "پرسن هون" "پرسن هون" اهو آواز ٿيندي ساري اڱڻ ۾ روشنائي ڪندي ظاهر ٿي. راجا آواز ٻڌي اکيون پٽي هٿ جوڙي اٿي بيٺو هيڏانهن ساوتري چوڻ لڳي ته راجا توکي جا کپي سو گھر توتي مان پرسن ٿي آهيان راجا عرض ڪري ساوتريءَ ديويءَ کان سنتان جو ور وٺڻ لڳو.

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٽيون)

ٽل- ڪر مهر مونکي ڏي نينگر نشاني

اها آس منهنجي پڄائڄ سياڻي
١- سڪي ساهه سنتان جي واسطي تو
سڪاهل جو ويڙهو وسائڄ پوائي
٢- ڪو راڄ ۽ تاڄ توکان گهران تو
ڏهان گوده پر لعل گوپال گيائي
٣- ٻنان پتر پاڻي پئيان ڪير ڏيندو
سڄي آهي سنتان ري راڄڌاني
٤- اهو عرض ڀلاڄ - پيا ري اڳهائڄ
فقط پتر هڪڙو ڏي داتار داني

ساوتري راجا جي ڳالهه ٻڌي ويچار ڪرڻ لڳي ته راجا جي مستڪ ۾ سنتان ڪانه ڪا لکيل آهي پوءِ مان ڪتان ڏيان ۽ جي نه ڏينديس ته وچن جوٺو ٿيندو سو ديوي انهن ٻنهين خيالـن ۾ پئجي شانت ٿي ويٺي جنهن تي راجا وري چوڻ لڳو ته ماتا منهنجي آشا پوري ڪر جنهن کان پوءِ ساوتري راجا کي سمجهائڻ لڳي ته هي ڀوپال توکي سنتان ڪانه ڪا لکيل آهي -

شـعـر

ڪونه ڪرمن ۾ لکيل آ پار توکي پوٽي
پوءِ ڪتان آڻي ڏيان غمنا ر توکي پوٽي
ڪير ورڻا تا سندو هي انگ ڏو ڊاهي سگهي
ٿي سڻايان صاف مان ويچار ڏوکي پوٽي
ڪر وهي ڀڳوان جي ڀڳتي سدا محلات ۾
جو هميشه ڪر اهي ڪرتا ر توکي پوٽي
پريم سان ڀلاڄ گهر ڏن مال ساري ديش جو

پر نه ملندهه پٽ مٿو منڊا ر توکي پوڇي

راڄا اشوپتي ساوتري جي هن نااميد واڪن کي ٻڌي هٿ جوڙي مس قلم ڪاغذ کڻي ساوتري جي هٿ ۾ ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ ماتا جيڪڏهن منهنجي وسعت ۾ اڳي سنتان لکڻ وساري ڇڏي هيئہ تہ هاڻي لکہ باقي نااميد نہ ڪر.

(پيلون راڳ، ضلع چوٿون)

ٿل- ڪو هار ڪپي نہ سينگار ڪپي مونکي گوڊ ۾ هڪ غمتار ڪپي
ڪو راڄ کپي ڪو تاج ڪپي مونکي محل اندر منٺار ڪپي

١- جڻن سمن سڄو سوهاڻ بنا ۽ پڳت سڄو ڀڳوان بنا
تئن اڱڻ سڄو سنتان بنا مونکي گهر ۾ هڪ ڪلڌار ڪپي

٢- هي آنکہ مسڪ جو واڌ ڪٽي ٻي اور متان تون وهاءِ ڪٽي
هي ڏاهہ سکھو تون لاهہ ڪٽي مونکي اڱڻ اندر آجيار ڪپي

٣- ڏي جوان سکھو هن جهولي ۾ ڪر ٻاجھہ مٿي تون ٻولي ۾
لکہ وار لڏايان لوڏي ۾ ڪلندڙ تو ڪنٺهار ڪپي

٤- ڀلاڄ جي آس پڄائج تون اڄ وڃهو منهنجو وسائج تون
سنتان ري ڪين ستائج تون پلوان فقط هڪ ٻار ڪپي

راڄا جي هن اٿاهہ پريم کي ڏسي ساوتري پرسن ٿي ڪري راڄا کي چوڻ لڳي تہ هي راڄن تون منهنجي وارتا سروڻ ڪر، ڪهڙي، جو هٿ تہ توکي ڪنهن بہ صورت ۾ ملي نٿو سگهي باقي هڪري ڪنيا مان توکي پنهنجي شڪتيءَ مان پردان ڪريان ٿي جنهنجو نالو بہ ساوتري رکجو ۽ آها ڪنيا پنهين ڪلن جو اڌار ڪندي ۽ گهر کي بہ سرڳ جي مثل بڻائيندي ۽ سدا سهاڳڻ رهندي

جڏ راجا ٻه جنهن کان وڃندو ۽ هار ڪائيندو ۽ ڀارت جي استرين ۾
سرمور ٿي سڏبي ۽ پورن پتورتا ٿيندي.

سلوڪ

ندين ۾ گنگا ندي - تارن ۾ جئن چنڊ
جنڪا گڙهه جئن جانڪي - ڪيرا ندر جئن ڪنڊ
سرڳ مٿي جئن موهني - منترن ۾ جئن منڊ
پتورتا جئن پاربتي - ارڌنتي جئن اکنڊ
تئن پتورتا ۾ چنڊ - ٿئي ساوتري سنسار ۾

ساوتري ديويءَ جي هن آشيرواد کي سڻي راجا اشوپتي پرسن ٿيو ۽ چت ۾ چوڻ لڳو ته گهر سڀني کان ڪنيا ٻه چڱي - پوءِ مت جوڙي ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته ماتا جيڪو مون بکاريءَ کي دن ڏئين مان اُن تي راضي آهيان - پوءِ ساوتري راجا کي ڦل ڏنو ۽ چيو ته هي ڦل استريءَ کي کاراءِ جنهن مان توکي ڪنيا پيدا ٿيندي - راجا اُهو ڦل ورتو پوءِ ساوتري ديوي انترڌيان ٿي ويئي - راجا اُهو ڦل گهرائي درمپتنيءَ کي ڏنو جنهن کاڌو ڪجهه ڏينهن بعد راڻيءَ کي گرڀ ٿيو پوءِ پوري وقت تي ڪنيا پيدا ٿي جنهن جي صورت چندرما وانگر چمڪندڙ ۽ سورج وانگر پرڪاشمان ۽ جنهن جي نرڙ ۾ نور ٿي ٻکيو راجا راڻي ڏسي ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ دان پنج ڪيائون - ڪنيا جو نالو ساوتري رکيائون پوءِ ماتا ڪيس لاڏ ڪوڏ سان پالڻ لڳي ۽ پينگهي ۾ پائي ساوتريءَ کي لولي ڏيڻ لڳي -

(ڀڄن راڳ سوڙائو ۵)

ٿل - سهاڳڻ ڪندو شال ڪرتار توکي

پٽي شال ملندو اوتار توکي

١ - ڪڏهن ڪين تنهنجو ونگو وار ٿيندو
نه وڌوا ڪندو وشو آڌار توکي

٢ - هميشه ڌڻيءَ جي ٿي داسي گذارج
سٽين جو ڪندو رام سردار توکي

٣ - ڏهاڳڻ نه ٿيندين، سدا تون سهاڳڻ
امر شال ملندو ڀرتار توکي

٤ - پٽيءَ ۾ ڪو ڀير ڀلاج ڪر تون
ڏيان ماءُ لولي مٺا پيار توکي

هنطرح ساوتريءَ کي ماتا ننڍپڻ کان وٺي لوليءَ ۾ سٺا سنسڪار وجهندي رهي جڏهن ساوتري وڏي لڳي ۽ سمجهه واري ٿيڻ لڳي تڏهن ماتا کيس هرطرح جا ڌارمڪ اُپديش سيکارڻ ۽ استري اُپديش جا واڪ پڙهائڻ لڳي - کيس ڪڏن سنسڪارن ۽ خراب سنگ کان بچائڻ لڳي - ساوتريءَ کي ڌاريو کير پيارڻ يا اپوتر کاڌو کارائڻ اُن سيني کان پرهيز سيکارڻ لڳي ۽ رات ڏينهن ساوتريءَ کي پتورتا جي سکيا جا پڪا خيال ڏوڪڻ لڳي - ان طرح ساوتري ٻه وڌندي پنجين سال ۾ پير وڌو ته ساوتريءَ کي ماتا پتا سنسڪرت پڙهائڻ جي واسطي پاٺشالا روانو ڪيو جتي ٿوريءَ هندي پڙهڻ لڳي ڇو جو هندن جي اصل کان ڌارمڪ ودِيا هندي ۽ سنسڪرت آهي سو اُن وديا کي ساوتري ڏاڍي ڀير ۽ محنت سان پڙهڻ لڳي -

(ڀڄن راڳ ڀيري چهون)

ٽل - آه کان هندي وديا هٽي - ساري هندستان ۾
جنهن ڪري هو ڌرم ڀورو - هندن جي سنتان ۾

١ - ويد ۽ اُپن ويد چارئي - سمرتيون ساکيات جي

دیش جو ۽ ڌرم جو - ھي علم ھو انسان ۾
٢ - ھن زماني جي وڌرمي - ڪاڻ ڪا ودیا ھئي
گیان گیتا جو ھیو ھر ڪنھن ھندو ءَ جي جان ۾
٣ - ڪیر ڌرمن جو دنیا ۾ - ناءُ نا نیشان ھو
ھا ھندو آریہ اُپاسڪ - آتما جي گیان ۾
٤ - دیش ۾ پکھلاچ جڙا - ڌرم جا اڳوان ھا
ڌرم جو جھنڊو جھلیو تي - چوطرف چوگان ۾

ھن طرح ساوتري پنھنجي ڌارمڪ ودیا جي اڀیاس ۾ رات ڏینھن لڳي ویئي جنھان استري سکیا، گرھست آشرم جا اصول ۽ پتورتائن جا پرسنگ ۽ ھندن کي سوروير بڻائڻ - مطلب تہ ھر ڪنھن قسم جي سکیا وٺڻ لڳي، ھاڻي ساوتري ٻارھن ڏھن سالن جي ٿي پوءِ کیس ماتا پتا ساوتريءَ دیويءَ جو مندر ٺھرائي ڏنو، جتي ساوتريءَ کي ھون پاٺ پوڄا وغیرہ سيکاريو ویو - ھر روز نیم پورو ڪ ساوتري دیويءَ جي مندر ۾ پوڄا ڪندي ھئي - ایڪادشي، ست نارائڻ، گٽیس چوٿ آدي ورت بہ رکندي ھئي ۽ پرڀات جو مندر ۾ اشنان پاڻي ڪري وڃي پوڄن ۾ وھندي ھئي - جڏھن پوڄا ڪري اُٿندي ھئي تڏھن ساوتري ھٿ جوڙي پيھاڙي جو دیويءَ کي اھا ارداس ڪندي ھئي تہ مونکي اجر امر پتي ملي ۽ ڏاھا اکین سان نہ ڏسان -

---

(پیجن واڳ ضلع سکھون)

ڏل - مونکي سنسار ۾ ست ڌرم جو سينگار ڪجي
سدائين پريم پتورت جو پرچار ڪجي
١ - گھران نہ دور دنیا جا مزا محل ماڙیون

مونکي گهر گهر جي اندر گيان جي گفتار ڪئي

٢ - ڏسان نہ غير جي تصوير ڪڏهن سپني ۾
هميشہ من جي مٿان خيال خبردار ڪئي

٣ - رهان مان صاف سڀاڳڻ سچيءَ حياتي ۾
مونکي اڄرو امر پياڳہ ۾ پيار ڪئي

٤ - اها ارداس پڇاڄ آ اڳيان تنهنجي
مونکي سٺيوان ۽ گڻوان تو گهرٻار ڪئي

هن طرح ساوتري روز نيم سان ديويءَ جو پوڄن ڪندي رهي ۽ ساوتريءَ کي ديويءَ پرگهٽ ٿي ڪنهن ٻہ ڏينهن درشن ڪونہ ڏنو ۽ نڪو ڪو ور ڏنو ڪجهہ ڏينهن ساوتريءَ ويچار ڪيو تہ مان ديويءَ جو اهڙي پريم سان پوڄن ڪريان جو مونکي پرگهٽ ٿي سهاڳہ جو ور ڏئي - اها چت ۾ اٿڻ رکي ڪجهہ ڏينهن ايڪادشي هئي سو ساوتريءَ ورت ڌارڻ ڪري سارو ڏينهن ۽ رات ديويءَ جو آواهن ڪرڻ لڳي - ساوتري جي پڪي پريم کي ڏسي ديوي پرگهٽ ٿي ساوتريءَ کي چوڻ لڳي تہ ور گهر پوءِ ساوتري هٿ ٻڌي ديويءَ کان ور وٺڻ لڳي -

(ڀڄن راڳہ ڪنسي سنڌڙن)

ٽل - داسيءَ کي ڏيو دان اهو جو اڄر امر ڀرتار ملي
گڻوان سچو گهرٻار ملي ۽ پريم وارو پروار ملي

١ - ڪو وير وڏو ودوان هجي سو ٻيرن جي سنتان هجي
سٺوان هجي پنوان هجي سو داسيءَ کي داتار ملي

٢ - ڀيو نيچ ڪرم کان دور هجي هر ڀڳتي ۾ ڀرپور هجي
رنچڪ نہ جنهن ۾ ڪوڙ هجي سو گوليءَ کي ڀرتار ملي

٣- تيئن ديش ڀڳت داتار هجي ٻيءَ ماءُ جو شيوادار هجي
پر نار ڪان نت نروار هجي سو جيئي سندو جنسار ملي
٤- ڀلاج سڄو سڀ مور هجي ڄڻ چڪوئي لاءِ چڪور هجي
نند لعل مثل چت چور هجي سو سهاڳڻ کي سردار ملي

ساوتريءَ جي هن وينتيءَ کي ٻڌي ديوي تٿاستو چئي انتر ڌيان ٿي ويئي - پوءِ ساوتري خوش ٿي، نس ڦرڻي پنهنجي محلاتن ۾ گذارڻ لڳي - پنهنجي ڌرم ڪرم کي اڳي کان ٻه وڌيڪ وڌائيندي رهي - اُتي اچي سندس عمر ٢٠ سالن جي ٿي - راجا ۽ راڻيءَ ويچار ڪيو ته هاڻي ساوتريءَ کي مڱائڻ گهرجي ۽ ڪنهن شاندار گهراڻي مان ڪيس ڪنوت وٺي ڏجي جو هاڻي ساوتري سڀ ڪڻ سمپورن ٿي آهي - ڪيس پتي ٻه چڱن گڻن ۽ لڇڻن وارو وٺي ڏجي - اهو ويچار ويچار ڪري راجا ڪور براهمڻ کي گهرائي چيو ته ساوتريءَ جو مڱڻو ڪنهن راڄ گهراڻي جي راجڪمار سان ڪري اچو پر جنهن ۾ ساوتريءَ جيترا گڻ ۽ لڇڻ موجود هجن ۽ ڪو ٻه منجهس وڪار نه هجي -

(پيلو راڳ ڀاڙي اڌون)

ٽل- سندر صاف سهڻو سوپارو هجي
سڄي راڄ پرجا کي پيارو هجي
١- هجي سو ربيرن جي سنتان مان
نسل ۽ اصل جو ناميارو هجي
٢- ڪري ڌرم جو راڄ سو ديش ۾
راوڻ ڪنس جان نا ڪهارو هجي
٣- هجي ويد وديا مان واقف سدا

همیشہ ڪرمن کان نیارو هجي

٤- هجي پاڻ شیوڪ ۾ ماتا پتا جو

پیو سروڻ برابر سچارو هجي

٥- ڪري پریم ڀلاج پرماتما مان

ڀڳت گیان گڻ جو ڀنڊارو هجي

گور براهمڻ راجا جي آگیا مڃي اُتي هڪدم تیار ٿیو ۽ ویو ساوتريءَ جي ور واسطي ڳولها ڪرڻ. ساري ملڪ جا راجڪمار ڏسندو ویو پر براهمڻ کي ساوتريءَ جي سندرتا ۽ گڻن جي مٽ ڪوئي بہ نظر نہ آیو. سارو سال ڳولها ڪیائین پر ساوتريءَ جي شان برابر براهمڻ کي ڪوئي بہ نینگر نظر نہ آیو آخر نراس ٿي گهر موٽي آیو ۽ راجا کي حال ٻڌایو تہ ساوتريءَ جي شان وارو نینگر ڪوبہ نظر آیو.

(ڀڄن راڳ ماجهہ ڌاڙون)

ٽُل- تو سڻایان حال راجا - دیش جو ڇا شان هو

اڄ دنیا ۾ سرڳ وارو - ڪوبہ ڪو سامان هو .

١- جي ڏٺي ڏئوان هو - تہ ڏرم کان بي مکہ هیو

جي ڏٺي ڌرماتما هو - تہ نرڏني نرمان هو

٢- جو ڏٺو مون سورمون - سو ستمگر آهي صفا

جو ٻري هو پاپ کان - سو نرٻلي نادان هو

٣- جو سندر سهڻو ڏٺم - سو نیچ ڪرمن ۾ محو

جو ڪٺي ڪٺوان هو - تہ شڪل جو بي شان هو

٤- ڪو ننڍو ۽ ڪو وڏو - ۽ ڪو هیو کهٽ ذات جو

سو ڪڙ سمهن دنیا ۾ - ڪوبہ ڪو انسان هو

٥- پريم سان ڀلاج سو - گهر گهر گهميو اچ گهوت لئه
پرسڻ جي شان وارو - ڪونه ڪو انسان هو

براهمڻ جي هن احوال کي ٻڌي راجا گمراهه ٿي ويو ۽ براهمڻ کي چوڻ لڳو ته مهاراج ڇا جنهن پرماتما ساوتري جهڙو ڦول ٺاهيو آهي تنهن واسطي ٻئي روپي پنور نه ٺاهيو آهي - هاڻي ڇا ڪاڄي ڪنيا کي ڪنوارو ئي نٿو ويهاري سگهجي سو ڪهڙو اُپاءُ ڪجي آخر براهمڻ کي چوڻ لڳو ته ڏي براهمڻ اها سموري تنهنجي ڀُل آهي جو چوين ٿو ته دنيا ۾ ساوتريءَ واسطي ڪوئي يوگيه ور ڪونه آهي پر مونکي وشواس آهي ته جنهن پرماتما سرور ٺاهيو آهي تنهن هنس به ٺاهيا آهن ۽ جنهن ايشور گل ٺاهيا آهن تنهن پنور به ٺاهيا آهن ۽ جنهن مالڪ ساوتري ٺاهي آهي تنهن اُن واسطي يوگيه ور به ٺاهيو هوندو - ايشور جي رچنا ۾ ڪا ئي گهٽتائي ڪانهي فقط تنهنجي کوجنا جي ڀُل آهي -

(پيلو راڳ، ضلع ڏهڙن)

ٿل- ٺاهيو گهر آ جنهن تنهن در به ٺاهيو هوندو
ٺاهي نار آ جنهن تنهن نر به ٺاهيو هوندو
١- ٺاهيو باغ تنهن بلبل به ٺاهيو آهي
ٺاهيو گل آ تنهن پنور به ٺاهيو هوندو
٢- ٺاهيو سک آ جنهن تنهن ڏک به ٺاهيو آهي
ٺاهيو هنس آ جنهن تنهن سرور به ٺاهيو هوندو
٣- ٺاهيو جڳ آ جنهن تنهن ڏگ به ٺاهيو هوندو
ٺاهي ڪنوار جنهن ڪنور به ٺاهيو هوندو

٣- ٻڌائي ڀاڻ ڀلاڄ راڻ قدرت آ
ڏني جنهن گهر ڪنيا تنهن ور ٻ ٻڌايو هوندو

هن طرح راجا گور براهمڻ کي چوڻ لڳو ته مهاراڄ ايشور جي رچنا ۾ سڀ ڪجهه آهي فقط تنهنجي ۽ منهنجي اُدم ڪرڻ جي دير آهي سو ڪو اهڙو جوڳ اُپاءُ ٻڌايو جنهن ساوتري وڃي ور گهر معتان سکي گذاري - راجا جي هن وارتا کي ٻڌي براهمڻ چوڻ لڳو راجن توهان ساوتريءَ کي ٢-٣ وزير امير ۽ داس داسيون ساڻ ڏيو جو وڃي پنهنجو پتي پاڻ پسند ڪري اچي چاڪاڻ ته اصل کان وٺي اوهان راجائن ۾ سوئمبر جي ريت هلندي آئي آهي سو پيل ساوتري ٻ پنهنجو پتي پاڻ ڳولي اچي جنهن ۾ تنهنجي ۽ منهنجي دکر ڪرڻ جي ضرورت نه رهي براهمڻ جي هن صلاح کي ٻڌي راجا ساوتريءَ کي ٢-٣ وزير ۽ امير ۽ ڪجهه نوڪر چاڪر ۽ رستي جي لاءِ سيڌو سامان ڏيئي هاٿين تي پالڪين ۾ چاڙهي روانو ڪيو ساوتري پتا ماتا کي سر نوائي آشيرواد وٺي موڪلائي رواني ٿي - ساري ملڪ جا راجڪمار ڏسندي هلي پر ساوتري کي ٻ ڪو نينگر پسند نه ٿي آيو آخر گهمندي گهمندي نراس ٿي پيئي ۽ پوئتي موٽڻ جو ارادو ڪياءِ ڇيائين ڇا ڪريان جيڪا پرماتما جي مرضي - اهو ويچار ڪري ساوتريءَ وزيرن کي چيو ته هاڻي گهر ڏا موٽي هلون پر رستي ۾ تيرٿ ياترا ٻ ڪندا هلون - انهن اُٿي تيار ٿيا ۽ تيرٿ ياترا ڪندا ڪندا اچي اگست رشيءَ جي آشرم تي پهتا - آتي اچي هاٿي گهوڙا ٻڌائون ۽ تنهو هنيائون پوءِ اشنان پاڻي ڪري رسوئي کائي ڪجهه وقت آرام ڪيائون آرام ڪري شام جو نظارو ڏسڻ هلي چا ڏسي جو هڪڙي پاسي جهرنا پيا وهن ٻئي پاسي

مٺا جو مٺو آواز پيو اچي ۽ ڳوريون ڳوريون برسات جون بوندون پيون پون - ٻدڪن جو آواز ٻڌي مور پيا نچن - اهي سڀ نظارا ساوتريءَ جي چت کي پرسن ڪرڻ لڳا پر اندر ۾ جا چنتا هئي تنهنجو آٿاءُ ٻه ويجهو اچي ويو - يعني ساوتري جڏهن ڪجهه اڳي هلي ته سندس نظر هڪڙي ٽڪريءَ تي وڃي پيئي جا ڏسي ته هڪ مهان سندر تيجسوي نوجوان نينگر راجڪمارن جي شڪل پر جوڳين جي ويس ۾ آهي ڪيس هٿ ۾ ڪهاڙو ۽ مٿي تي ڪاٺين جي ڀري پيرن ننگو سر تي جٽائون هيٺ تي صرف ڌوتي ، پيو بدن چاهر سان ڍڪيل ، هٿ ۾ مالا عمر سندس ٢٥ سال ، ڏاڍو خوبصورت ، مک سان رام رام چوندو ٿي ويو . ساوتريءَ جي نظر ۾ وڃي اُن نوجوان جي سندر چمڪندڙ چهري تي پيئي ڏسڻ شرط ساوتريءَ جو چت چورائجي ويو - هو ڏانهن نينگر جي نظر ۾ ساوتريءَ جي سيتل سروپ ۾ سمائجي ويئي هاڻي ته ٻنهين جون اکيون هڪ ٿي ويون ڪجهه دير تائين هڪ ٻئي ڏانهن نهاريائون - ڪين هڪ ٻئي مان اکيون ڪڍڻ ٿي مشڪل ٿي پيون ٻنهين جي من جو پرواه رکي ويو - ساوتريءَ جي من ۾ سهاڳ جا سنڪلپ ٿيڻ لڳا - هاڻي ته سخت محبت جي ميکَ ٻنهين جي ڪليجي ۾ کُتي ويئي آخر هو ڏانهن رشي ڪمار ديو سمجهي اکين جي پرواه کي روڪي منهن ڦيرائي آشرم جي طرف ڏانهن دلڙ لڳو پر ساوتريءَ جو بدن بت مثل ٿي ويو - جيستائين نينگر نظر آيس تيستائين نهاريندي رهي - آخر ساوتريءَ جو من نه رکيو سو سهيلين سان گڏجي نينگر جي پٺيان ويئي - ايتري ۾ اُن نينگر جو آشرم ٻه اچي ويو ۽ اُن ڪاٺين جي ڀري اُتي لاٿي اُتي اُن نينگر جا ماتا پتا سورداس ٻه رهندا هوا جن پوڄن ويئي ڪيو جن جي شيوا ۾ هن نوجوان پنهنجي حياتي تي سڦل ڪئي

ساوتري هي سارو سماچار ٻڌي ٻيهوش ٿي ويئي ۽ دل ئي دل ۾ ٻهه پڇائڻ لڳي ته ڪم تمام ٿي چڪو، جيڪڏهن منهنجي سر جو سرتاج ٿي سگهي ٿو ته هي راجڪمار ٿي سگهي ٿو. هيڏانهن سهيليون ۾ ساوتريءَ جي من ورتي سمجهي ويون ۽ ساوتريءَ جي منهن کي ڦيرائي چوڻ لڳيون ته ساوتري هي تون ڇا ٿي ڪرين - راجڪمار ڇڏي اچي ڏک ٻنواسيءَ جي مٿان من اڙايو اٿيئي - تون راجڪماري هي رشي ڪمار، تون محلاتن ۾ رهندڙ هي ٻن ۾ رهندڙ، تون ٣٦ پرڪارن جا پرساد کائيندڙ هي ڪند مول کائيندڙ، تون ڏنوان راجا جي سنتان ۽ هي نرڌني نرمان، تنهن کان سواءِ ذات پات جو پتو ڪونه، سو مهرباني ڪري اهو خيال اندرمان ڪڍي ڇڏ ۽ ماڪ ۾ پاڻ کي خوار نه ڪر ۽ ساري حياتي دکي نه ڪر، راڻيءَ مان پاڻ کي فقيرياڻي نه ڪر - ساوتري سهيلين جا اهي غيرواجبي وچن ٻڌي ناراض ٿي کين سمجهائڻ لڳي ته انسان جو ملهه گڻن ۽ لڇڻن تي آهي هميشه انسان جي گڻن تي نظر ڪرڻ گهرجي -

(ڀڄن راڳ ڀيروي ١١)

ٿل - گل سوين گلشن اندر - پر گل گلابي بي بها
لعل لکه بازار ۾ - پر لعل آبي بي بها

١ - ماڻسر ۾ هنج هزارين - آريون ٻد ڪون بلبليون
ڪانگه ڪويل بي ڪٿين - پر هنس لابي بي بها

٢ - ڪان ۽ جو ملهه ڪو نه آهي - ملهه ڪبو آکير جو
راڳه وارا ويهه پر - بيجل رٻابي بي بها

٣ - منش جو ملهه ڪو نه آ - پهاڄ ملهه آ پريم جو
نرجڳت ۾ جام پر - نر انقلابي بي بها

ساوتريءَ جي هن وارتا کي ٻڌي جيڏيون ڪيس چوڻ لڳيون ته هي پياري تون تڪڙ نه ڪر ، ڪجهه من کي روڪ ته هن نينگر جي ذات پات جي جاچ ڪريون ، اهي دلاسا ڏيئي ساوتريءَ کي اگست جي آشرم ۾ وٺي آيون ۽ اچي رشيءَ کان اُن ٻالڪ جو سڄو سماچار پڇڻ لڳيون - جنهن تي رشي ڪين ٻڌائڻ لڳو ته دي ساوتري هي جيڪو اوهان رشي ٻالڪ ڏٺو سو دراصل راجڪمار آهي . سندس نالو ستيوان آهي جيڪي ۾ سورداس پيدا ڏٺو سي هن نينگر جا ماتا پتا آهن - جن جا نالا راجا ڏمت سين ۽ ڪرشنا ديوي آهن راجا ڏمت سين وڏيءَ راڄڌاني جو مالڪ هو پر قدرت ٻيءَ طرح آهي جو ساڻس وزيرن دغا ڪري رات جو ننهين کي ماري راڄ پنهنجي هٿ تي ڪرڻ چاهيو جڏهن ستيوان جي ماتا ڏٺو ته هي ظالم منهنجي پٽ کي قتل ڪرڻ ٿا گهرن تڏهن ڪين وينتي ڪيائين ته راڄ اوهان کي پهتو - پر مونکي ڏهاڳڻ نه بڻايو پٽ جو جيودان ڏيو - جنهن تي دشمن ستيوان جي ماتا پتا جا نيتر ڪڍي انڌو ڪري شهر مان ڪڍي ڇڏيو . راجا راڻي پيو ڪو وسيلو نه ڏسي آخر ستيوان پٽ سميت اچي ٻن ۾ رهڻ لڳا ۽ ويچار ڪيائون ته هاڻي مايا جي واسطي جنم وڃائڻ اجايو آهي تنهن کان چڱو نه ايشور جو پوڄن ڪجي سو اهو پڻ پڇائي راجا ڏمت سين استري سميت پوڄن ٿو ڪري ۽ سندس نوجوان پٽ ستيوان سندن شيوا ٿو ڪري ۽ رات ڏينهن سورداس ماتا پتا جي پريم سان ٽهل ڪري پنهنجو جنم سڦل ڪري ، ستيوان بلڪل سڀاتر آهي ۽ وڏو ودوان گڻوان پلوان ڀاڳوان آهي مطلب ته منجهس سڀ گڻ موجود آهن ڀريون ته منجهس اهو سٺو گڻ آهي جو سورداس ماتا پتا جي رات ڏينهن تن من سان شيوا ڪري رهيو آهي ڇا ڪاڻ ته سپاتر پٽ جو فرض آهي

ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ -

(ڀڄن راڳ سوڻي بارهون)

ٽُل - دنيا جي دکن کان ڇڏائي ٿي شيوا
سڏ و سو رڳ سڀ کي - پڄائي ٿي شيوا
١ - نمبر پهريون شيوا - آ ماتا پتا جي
نرڪ جي اگن کان - بچائي ٿي شيوا
٢ - سچي شيوا سرونڻ - ڪئي ماءُ پيءُ جي
سپاتر پٽن کي - سڏائي ٿي شيوا
٣ - پتا جي وچن سان - ويو رام بن ۾
ڀڳت هن منش کي - بڻائي ٿي شيوا
٤ - ڪيو پريم پهلاج - شيوا سان هردم
ننگن ۽ ٻڪين کي - ڍڪائي ٿي شيوا

هن طرح رشيءَ ساوتريءَ جي ساٿين ۽ ڪيس ستيوان جي اصل ۽ نسل جو سارو بيان ڏنو سيٺيءَ ٻڌي پرسن ٿيا ۽ ساوتريءَ جو انت نہ رهيو ، پوءِ وزير امير سڀ ساوتريءَ جو ارادو سمجهي ڪيس جنما لا پاڻڻ لاءِ آگيا ڏني - ساوتري سهيلين سان گڏ جي ستيوان کي جنما لا پهرائي واپس جاءِ تي آئي پوءِ اُتي ڪجهہ ڏينهن رهي سيٺيءَ خوشيءَ سان روانہ ٿيا - پنڌ ڪندي آخر اچي پنهنجي وطن ۾ پهتا - وزيرن اميرن سميت ساوتريءَ اچي ماتا پتا کي نمسڪار ڪئي - راجا سيني کي آسيرواد ڏني ۽ حال احوال پڇيو - وزيرن ستيوان جي ساري سماچار مان راجا کي واقف ڪيو ۽ ساوتري جي چت جو رايو راجا کي ڏنايو - راجا ۽

راڻي پڻ ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ گهر گهر واڌايون وري ويون - محلات ۾ منگلاچار ٿيڻ لڳا - راڻيون دان پن ڪرڻ لڳيون ۽ ساوتريءَ کي سهاڳڻ اٽل رهڻ جون آشيرواديون ڏيڻ لڳيون هن طرح راجا جي من جي مراد پوري ٿي نيٺ ساوتريءَ جي شاديءَ جو سعيو ٿيڻ لڳو - هڪڙي ڏينهن راجا اشو پتي سڀا ۾ ويٺو هيو ته نارد رشي اچي نڪتو راجا نارد کي نمي نمسڪار ڪيو ۽ مٿي آسڻ تي وهاريو جنهن کان پوءِ راڻين ۽ ساوتريءَ به اچي نارد کي نمسڪار ڪيو راجا نارد کي چيو ته منهنجي ڪنيا جي شادي آهي تنهن جو لڳن ڏسو ته سندس سهاڳ ڀاڳ سٺو آهي - نارد راجا جي چوڻ موجب ساوتري ۽ ستيوان جو لڳن وٺڻ لڳو لڳن وٺندي وٺندي نارد حيران ٿي ويو جنهن تي راجا به وياڪل ٿي رشيءَ کان پڇيو ته سوامي پيو ته سک آهي جنهن تي رشيءَ جواب ڏنو ته راجا تنهنجي ڪنيا جو پتي ستيوان فقط هڪ سال جيئرو رهندو جنهن کان پوءِ مري ويندو ۽ ساوتري وڌوا ٿيندي ان ڳالهه مونکي وياڪل ڪيو آهي - راجا ۽ راڻيون هي اوچتو دک دائڪ واڪ ٻڌي مورڇت ٿي ويا ۽ اکين مان زار زار جل وهائڻ لڳا - راجا ساوتريءَ کي گود ۾ ڪري ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو - اڄ ته خوشيءَ جي مٿان دک روپي ڪڪر ڇانئجي ويو آخر راجا ڌيرج ڌري رشيءَ کان پڇڻ لڳو - ته هاڻي ڪهڙو اُپاءُ ڪرڻ گهرجي جنهن تي نارد جواب ڏنو ته پيو ڪهڙو اُپاءُ آهي جنهن حالت ۾ شادي نه ٿي آهي تنهن حالت ۾ ساوتري پتي هنڌ ور گهر ڪري سگهي ٿي ساوتري نارد جي هيءَ اڌرمي صلاح ٻڌي هڪدم هٿ جوڙي زوردار لفظن ۾ نارد کي چوڻ لڳي ته مهاراج اوهين پل ٿا ڪريو جو مونهنجي مائٽن کي اها صلاح ٿا ڏيو ۽ ست ڌرم جو پيڙو ٿا غرق ڪريو پيو مونکي دنيا ۾ ويچارڻ ٿا بڻايو ناريءَ

جو ڌرم ناهي جو هڪ ٻئي ڇڏي ٻيو ڪري -

(ڀڄن راڳ ڀوڳ ١٣)

ٽڪ- نار جو سنسار ۾ هڪ - ست ڌرم سينگار آ
سر ڏيئي ٻئي کي ڏيڻ - سو ڌرم نا ويچار آ

١- ڏاک تي جيڪا چڙهي - ناري هٿي ٿي ڀوڳي
نار نا تنهن کي چئو - سا ٿرلي جي ناڪار آ

٢- جو پيڇي ڀڄُ کان اچي ٿو - سورهو سنگرام مان
شير نا تنهن کي چئو - سو منش خود مردار آ

٣- پيڇ ڪڏهن ڀوڳي - ٻوندو نہ آ ڀرڪاش کان
تن سٽي سر کي ڏئي - نا خود ڪندي انڪار آ

٤- جا پتي پهلاج تياڳي - ڀيو ٻڌائي گهوٽ ٿي
اُن استريءَ جي جنم کان - جل ۾ ٻڏڻ ڌرڪار آ

ساوتريءَ جي هن ست ڀرئل سڀاءَ کي ٻڌي نارد تہ ڪٽي ڏندن ۾ آڱريون ڏنيون ۽ دل ۾ چوڻ لڳو تہ هي نينگر تنهنجي ڀاڳ آهن جو ڀارت کي تون سرهو بڻائيندين ۽ ست ڌرم جو جهنڊو جڳت ۾ کڙو ڪندين ۔ نارد اهو ويچار ڪري ساوتريءَ کي وري چوڻ کان چپ ٿي ڪئي ۔ باقي راجا موهه ۾ ڦاسي ڪري ساوتريءَ کي سمجهائڻ لڳو تہ هي پتري ڏون ايڏو هٺ نہ ڪر جنهن صورت ۾ تنهنجي شادي نہ ٿي آهي اُن صورت ۾ ڏون مڻ جو ڪمل قول ٽوري سگهين ٿي ۔ پتا جي هن وچن کي ٻڌي ساوتري دکي ٿي هٿ ٻڌي راجا کي سمجهائڻ لڳي تہ هي پتا ۔

(ڀڄن راڳ پيلو ١٤)

ٽل- ڪين قول منهنجو - مٿيا ڪين ٿيندو
چنچل ڦير ھت مان - وري ڪين ايندو
١- ٻلي ڪوڙي ڪي - ڏيو ٻاڪ ٻاٽي
مگر قول ٽل ڪي - ڦير ڪين ڏيندو
٢- هزارين وسن ميگهه - ڀاڳي پر ڌوئي تي
سوانتي ري ٻيو جل - پپيهو نه پيندو
٣- ڪٽي مال ملڪيت - نه دلبندو ڌيان ڪو
منش فقط هرڪو - ڌرم ساڻ نڀندو
٤- وڃن ڪي ڪنديس آءُ - ڀلاڄ پورو
سچي ڪي سچو نيڻ - هرڪو سڏيندو

راجا ساوتري جي هن ٻي ڏڪ وارتا ڪي ٻڌي ساوتري کي گهوه ڪري اکين مان نير ڀري ساوتري کي چوڻ لڳو ته ڀري تون ٻالپڻ ۾ ايڏو هٺ نه ڪران جو نتيجو اُگرو نڪرندو - هميشه ويچارڪان ڪم وٺڻ گهرجي جيستائين هٿيالو ٻڌي ويڌي نه ٿامي ويٺي آهي تيستائين استري پرش جو سنبنڌ نٿو ڄڻي سگهجي سو مان توکي ودواپڻي جي ڏک جو شڪار نٿو بڻائڻ چاهيان چاهي تون ڪيڏو به هٺ ڪرين مگر مان توکي ايها شادي هرگز نه ڪرڻ ڏيندس ڇاڪاڻ ته مان تنهنجي ودواپڻي جي ڏک کي نٿو سهاري سگهان ۽ تنهنجي حياتي به ودواپڻي ۾ ڏاڍي ڏکي گذرندي -

ش.ع.ر

آر ودوا جو جڻ - سنسار ۾ لاچار آ
پرش ري پتني جو - هي ڪل بدن بيڪار آ

نير سان نندي سونهن - بن نير نندي ڇار آ
چند رما سان رات سونهين - چنڊ بن اندڪار آ
گيان سان گياني سونهين - بن گيان نرگنوار آ
ڀوپ سان ڀومي سونهين - بن ڀوپ ڀومي ڇار آ
اکين ري انسان جو جيءُ - سڀ سڃو سينگار آ
پرش بن استرين نار جو - دوزخ مثل گهر ٻار آ

هن طرح ساوتريءَ کي سمجهائڻ لڳو ته تون اڄ يو هست ڪري وڏوا پٽي جي دکر کي نه خريد ڪر ۽ پنهنجي راڄ ڀاڳ جي سکن ڪان چتي وجي دکن جي درياه ۾ نه وجي غوطا کاءُ - پتا جي هن وچن کي ٻڌي ساوتري چوڻ لڳي ته هي پتا منهنجو ٻل جو ٻين جوائي هار سينگار، راڄ ڀاڳ، سنسار جا سک عيش آرام ڪنب پروار جو موه وڃي هليو پر منهنجو ڪيل سنڪلپ مٽيا نه ٿئي ڇاڪاڻ ته پتورتا استري جو سنڪلپ ڪندي آهي اُن وهن کي سڀني ۾ به پنگر نه ڪندي آهي -

(پڇن راڳ ٽوڏي ١٥)

ٽل - جيڪا پتورتا جي ڪار ڪندي سا پيو نه پتي اختيار ڪندي
جيڪا پرش پتي سان پيار ڪندي سا غرق پنهنجو گهر ٻار ڪندي
١ - جنهن ست کي صاف سڃاتو آهه - پتورتا جو پوش پاتو آهه
هڪ پريم پتيءَ سان لاتو آهه - سا پيو نه ٻلي پرتار ڪندي
٢- جا نيچ ڪرم تي نار ڪري پين خاطر هار سينگار ڪري
هڪ پرش ڇڏي پيو تيار ڪري سا ناس پنهنجو پروار ڪندي
٣- جنهن وچن پڪو هڪوار ڪيو گلي دار وجهي اقرار ڪيو
من ۾ اُن کي ڀرتار ڪيو سا پيو نه ڏٺي درڪار ڪندي

٤ - پهاڄ ستي ڏرڏار ڪندي، پر عهد کان نا انڪار ڪندي
ڏيئي باھ بدن کي ڇار ڪندي پر پيو نه ڪڏهن ڪرتار ڪندي

هن طرح ساوتري ڀعا کي ڪليو ڪلايو جواب ڏنو ته مان پنهنجي پرڻ تان نه هٽنديس جيڪو مان پتي ڪري چڪي آهيان اُن سان منهنجي شادي ٿيڻ گهرجي چاهي دک ملي چاهي سک ملي - راجا ساوتريءَ جي ايڏي عقيدي کي ڏسي ڪٽي ماٺ ڪئي - هوڏانهن وري راڻيءَ کان نه رهيو ويو سا ساوتريءَ کي گود ۾ ڪري پيار ڏيئي چوڻ لڳي ته هي پياري تون ايڏو هٺ نه ڪر ان جو نتيجو توکي خراب ڏسڻو پوندو ڇو ته جو هڪ سال کان پوءِ ستيوان مري ويندو. ناره جو وچن جوڙو ڪونه ٿيندو. پتيءَ کان پوءِ توکي ساري عمر وڌوا ٿي رهڻو پوندو ۽ هر ڪنهن دک جو شڪار ٿيڻو پوندو تنهن ڪري ان هٺ تان لهي وڃي ٻيو پتي ڪر.

سلوڪ

نينگر تون نادان هٺ ڇڏي ڏي هيڏرو
جيڏرو رهندو جڳ ۾ سال فقط ستيوان
سس سهري سوڙ داس سان ڪٽڻ ڪندين گذران
ساري عمر ڏاڍا ڳم ۾ - وقت ٿيندءِ ويران
هٿن مان ويندءِ هليا - هي هو پتي جهان
پوءِ ٿي پريشان - روئندين ويٺي رت ڳوڙا

ساوتريءَ ماتا جي هن موهه ڀريل وارتا کي ٻڌي پنهنجي من کي پتيورت ڌرم تي پختو ڪري هٿ جوڙي ماتا کي جواب ڏيڻ لڳي ته هي ماتا انسان جو ڪوئي ڪتنهي ساٿي ڪو نه آهي

سلوڪ

ڏک سوين آهن - ساوتري سنسار ۾
مگر ڏک ڏهاڳ جو - تا سخت ستائن
وڏا کي سڀ گهر ۾ - ٻرو پيا پائن
آتندي وهندي اُن کي - ڇپي ڏائڻ ڏکائن
هڪڙو ڏک ڏهاڳ جو - پيو ڪارين سان ڳهائن
ٻرو ٻڌائن - مائٽ وڏا نار کي

هنطرح ساوتري ساهيڙين جا قدرت جي برخلاف وچن ٻڌي کين سمجهائڻ لڳي ته هي جيڏيون اوهين ڀليل آهيو جو چئو ٿيون ته تهنجو ٻني سال کان پوءِ مري ويندو. ڀلا ڀيو ڪنديس سو امر رهندو؟ ڪال جي گت ڪوئي نٿو ڄاڻي - هن فاني دنيا مان سڀ کي هلڻو آهي.

(ڀڄن راڳ سوهڻي ۱۷!)

زماني کي هرڪو - مٽايون ويندو ويندو
دنيا مان ڪتولو - ڪٽايون ويندو ويندو.
۱ - رهي ڪو نه رهندو - زماني ۾ هرگز
هرڪو پنهنجو وارو - وڄايون ويندو ويندو
۲ - هليو ويو سڪندر ۽ قارون دارا
بدن خاڪ سيڪو - ٻڌايون ويندو ويندو
۳ - ڪري لاڏ ڪوئي نه - سهڻي بدن تي
آخر گلبدن به - جلايون ويندو ويندو
۴ - ويو ڪنس ڪيسي - ۽ ششپال پاپي
مٿان واري هرڪو - وسايون ويندو ويندو.

جيڪڏهن آهي ته ڪڙو ڏرمئي آهي سو تون هزارين دفعه ٻڌو ڪيو سمجھائيندين ۽ مگر مان پنھنجي ڏرمڻان هيٺ نه لهندس جيڪا آفت آئي سا سرتي سھنديس ـ

(پيڙن راڱ ڪالڱڙو ١٦)

ٿل - چڙي مان دؤر دنيا جا وڃي جهنگل وسائينديس
پٽي ڀسان ڳڏ جهنگل ۾ جسم جوڳي بڻائينديس
١ ـ وڃي جتمال مان جڏهنڪي ـ ڪيو آگهوٽ ڳڏاري
سهي سرتي سوين صدمان آهو ناتو نڀائينديس
٢ ـ ايلم سهوراس سس سھرو - وڃي شيوا ڪريان تن جي
پٽي پالهون پڌي هردم ـ اڳيان گردن جهڪائيندس
٣ ـ پٽي ۽ جي چرط جي پوڄا ـ ستيءَ لئه سرو سڪه آهي
قتل تقدير جا منهنجي ـ وڃي ڀتو بڻائينديس
٤ ـ پڙهي پهلاج مون پوڻي ـ ستين جي آسچائي هي
ڪيو آقول مون جيڪو ـ سچو سوئي ڪرائينديس

ساوتريءَ جي هن بي پرواهه پرسنگ کي ڏسي ، راڻيءَ ويچار ڪيو ته جنهن حالت ۾ مالڪياڻي دکه سهط لاءِ تيار آهي پوءِ اسان ڪيس چو ڏمڪايون - هرڪو مرضيءَ جو مالڪ آهي وڏيڪ سمجھائط ئي ڀل آهي ۔ اهو ويچار ڪري راڻيءَ ساوتريءَ کي وڏيڪ چوط کان ماڳهين چپ ڪئي - باقي ساوتريءَ جون جيڪي ساهيڙيون هيون سي ڪيس ٻاسي ولي چوط لڳيون ته پياري تون ڪجهه سمجھ ڏار ذواه مخواه پاط کي وڏوا نه بڻاءِ ـ دنيا ۾ دکه هزارين آهن پر ڏهاڳه جي برابر پيو دکه ڪو نه اٿئي ـ

٥ - ڏرم ساڻ ڀلاڄ - سڀ سان ھلي ٿو
پاڻي پاڙ پنھنجي - پٽايون ويندو ويندو

ساوتريءَ جي من سکيا کي ٻڌي سڀني ڪٺي مات ڪئي آخر راجا ويچار ڪيو تہ جنھن صورت ۾ ساوتري پنھنجي دک سھڻ لاءِ تيار آھي تہ ڪيس سنائڻ ۽ زبردستي ڪرڻ بي سود آھي اھو ويچار ڪري آخر راجا گور براھمڻ کي گھرائي ساوتريءَ جي شاديءَ جو مھورت ڪڍايو ۽ وزيرن اميرن کي آگيا ڏني تہ وڃي گھر گھر ۾ ڏياري ڪيو ۽ ساري شھر جي بازارين ۽ چؤسولن کي سينگاريو ۽ مجلس جو سامان تيار ڪريو - ھيڏانھن وزير امير پنھنجي مقرر تيل ڪم ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ھوڏانھن راجا وري ھڪڙو قاصد ستيوان جي پتا کي موڪليو جنھن اچي راجا ڏمتسين کي ستيوان جي شاديءَ جي خبر ٻڌائي - راجا راڻي ٻڌي ڪري ڏاڍا ٻرسن ٿيا ۽ نزديڪ رھندڙ رشين منين کي ڪوٺ ڏني ٻوءِ گھر ۾ ٻير سان. لاڏا ڳائڻ لڳا -

(ڀڄن راڳ ڀيروي ١٨)

ٿل - ڀلا ڪيندم ڀاڳ - کھوٽ کھوڙيءَ تي اڄ ڇھندو
١ - دل دماما وڄندا واڄا - راڳي ڪندم راڳ - کھوٽ ....
٢ - سس بہ لاڏل کي ملندي سھڻي - لالون ڏيندم لاڳ
٣ - سڪايل جو وسندو ويڙھو - جئين گلن جو باغ
٤ - گھر گھر ۾ اڄ وريون واڌايون - دل جو مٽندم داغ
٥ - ڪنوار اڱڻ ۾ ايندي پياري - سھڻو سندس سھاڳ
٦ - پٽ رکندو ڀلاڄ پڪت جان - ماڻيندين شل ماڳ

سعيوان جو ماڻا پڻا هن طرح خوشيون ملهائڻ لڳا - هوڏانهن راجا اشوپتيءَ ويچار ڪيو تہ سعيوان جو ماڻا پڻا تنگ حالت ۾ آهن تنهنڪري ڪين ڇڪ ڪري ساوتريءَ جي شادي اُتي ڪرائي اچي جئن تڪليف ۾ نہ اچن - سو راجا هڪدم هاٿيون گهوڙا پالڪيون ۽ گاڏي جو سامان تيار ڪرائي اُتي روانا ٿيا ساوتري ٻہ ساهيڙين سان گڏ پالڪيءَ تي چڙهي دل ۾ خوش ٿيندي هلي - ساهيڙيون رسمي ۾ ساوتريءَ سان چرچا ڪنديون هليون ۽ خوشيءَ سان گيت ڳائينديون هليون -

(پيلو راڳ ڀيروي ١٩)

ٽل- پلي ڪندو پڳوان - سندر ملندو ور ڪهر توکي

١- جڳ جڳ جئندو ور ڪهر تنهنجو - امر اجر انسان - سندر ملندو

٢- سک سهاڳ جو تون ماڻين سدائين - ڏر ڏڪيءَ جو ڏيان

٣- ڪوڙي ول جيان وڌندءِ ويڙهو - سکي ڪندءِ سنتان

٤- شب لڇڻو ڳڻوان ڳڻ ۾ - بيرو وڏو بلوان

٥- پريم ڀلاڄ پڻيءَ سان ڪر تون - ڪرشن ڪندو ڪلياڻ

هن طرح ڳائيندا وڄائيندا خوشيون ملهائيندا راجا اشوپتي سڀني ساٿين سميت واٽ تي منزلون ڪندا راج رشي ڏمتسين جي آشرم ۾ پهتا - سڀ سامان لاٿائون هاٿي گهوڙا ٻڌائون پوءِ اشنان پاڻي ڪري ٻاٽ پوڄا ڪيائون ۽ لڪن جو وقت ڏسي گهوٽ ڪنوار کي هار سينگار ڪرائي ويديءَ تي ويهاريائون - ويديءَ پڙهڻ واسطي پنهنجن ڏرين جا گورو براهمڻ اچي ويٺا - لڳن جو وقت پڄي ويو گهوٽ ڪنوار جو هٿيالو ٻڌائون ۽ منتر جو اُچارڻ شروع ڪيائون - جنهن ڪان پوءِ راجا اشوپتي راڪمار

ستيوان کي ڪنيادان ڪري ڏني ۽ ڏاج ڏيڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويو پر ڏاج ۾ جيڪي سامان هو سو سڀ ولائتي هو جنهن ڪري ساوتريءَ وٽان ڪان انڪار ڪيو ۽ ماءُ کي چيو تہ مونکي وديشي سامان ۾ ڏيو.

(پيلو راڳ ۾ ڪافي ٢٠)

ٿلهہ- مونکي شاديءَ تي امان ديش جو سامان کپي
وديشي مال سدو شوق نڪو شان کپي

١- ڪيان ڪيمخاب ڪڏهن بوسڪي نہ بخمل مان
مونکي کاڌيءَ جو صفا ڪپڙو ٿانپو ٿان کپي

٢- وٺان انڊين ڪڏهن ڪيڏڪي لکڻ ڪاٺ
مونکي هٿسال سان ڪشميري ڪلمدان کپي

٣- گولو بجلي يا بتي ٿارچ ڪانہ پاريندس
مونکي ڏيئو تيل جو تيندي شمعدان کپي

٤- پرنهي پير مهمان کي نہ ڏيو ڪڏهين
اهڙو ديش دروهي اسانکي نشو مهمان کپي

٥- ڏسي پهلاج لنڊن جي نہ ڦسو فيشن ۾
سادو سودو بہ پنهنجو ديش هندستان کپي

ساوتريءَ جي من هٺ کي ڏسي وديشي سامان ڪيس ڪونہ ڏنو ويو باقي جيڪي ڪجهہ اُن وقت ڪيس موجود هو سو ساوتريءَ کي ڏاج ۾ ڏنو ويو. هاڻي شاديءَ جو ڪم پورو ٿي ويو. ساوتريءَ وڃي سس سهري کي مٿو ٽيڪيو ۽ آسيسا ورتي، پوءِ ساوتري سدائين سيوا ۾ مشغول ٿي ويئي. شادي ٿيڻ بعد ساوتري ۽ ستيوان ساڳي ئي طرح خوشيءَ مان ٽيهرن سالن تائين گهاريائون، ساوتري ڏاڍي عقلمند ۽ ماءُ پيءُ جي لاڏلي

پوءِ اکين مان آب آڻي ساوتريءَ کان موڪلائڻ لڳيون، ڇڙو وڇوڙو ۽ پيو ساوتريءَ جي ايندڙ آپدائن جي يادگيري ڪري ٿي رنيون ۽ چيائون -

(پيلو راڳ ڀاڙي ٣١)

ٽل- ادي تنهنجي ارمان ماري ڇڏيو آ
جدائيءَ جگر جان جاري ڇڏيو آ

١- برهه جو برو ڏک آ - سيني ڏکن کان
انهيءَ سوز سيني کي - ساڙي ڇڏيو آ

٢- اکين مان اڇن ٿا - اديون لڙڪ رت جا
ڳجهيءَ تنهنجي ڳڻتيءَ - ڳاري ڇڏيو آ

٣- مٺل زهر پيالن ٿي - ڪهر پاروسارو
وڇوڙيءَ وهيءَ کي - ساوتري ڇڏيو آ

٤- ڪندو شال ميلاپ - ڀلاچ پيارو
سڪايل کي سورن - سمهاري ڇڏيو آ

هن طرح سرتيون ساهيڙيون ۽ پيا ڪتنئي ساوتريءَ کان موڪلائي گهر روانا ٿيا هيڏانهن ساوتري رات ڏينهن پنهنجي پتيءَ جي آڪيا موجب سس سهري جي شيوا ۾ مشغول ٿي ويئي ۽ هرروز نيم سان اُٿي سس سهري کي مٿو ٽيڪيندي هئي ڪيس سس سهرو آسيسا ڪندا هوا ته ساوتري تون سدا سهاڳڻ هوندين - سس سهري جي شيوا ۽ آسيس ساوتريءَ جي ايندڙ ڏک جو ڦڙو لاڻي ڇڏيندي هئي راجا راڻي ٻه ساوتريءَ جهڙي نونهن پائي ڏاڍا پرسن ٿيندا هوا ۽ رات ڏينهن اُئين پيا چوندا هوا ته جگر جگر پيٽي جوڙي، سنئيوان ٻه ماتا پتا جو بلڪل آڪياڪاري پتر هو، روز نيم

سان سوير جهنگل مان ڪاٺيون ۽ ڦل ڦول ڪٽي ايندو هو ۽ ساوتري گهر جو سارو ڪم ڪندي هئي - رسوئي ڪرڻ ، سس سهري کي اشنان ڪرائڻ ، واندي وقت ۾ شاستر جو پڙهڻ پڙهائڻ مطلب ته بن جي مرن خواهه منشن کي راضي رکندي هئي - ساوتري جي اچڻ کان پوءِ سڀ جهنگل کي به چٽڪ راڄڌانيءَ کان وڌو سگهه جو سامان سمجهڻ لڳا - ساوتري سس سهري کي ماتا پتا کان وڌيڪ سمجهي پريم سان شيوا ڪندي هئي ۽ ڀين کي اُپديش ڪندي هئي -

(ڀڄن راڳ تلنگ ٢٢)

ٽل- سس سهري کي سڪ سان سرتيون لٽڙي سيس نوايو شانتي پايو

١- سس ماتا جي برابر آهي سهرو پتا جي سراسر آهي
پريم تنهين سان لايو شانتي پايو

٢- سڪ سان تن جي ڪريو شيوا - شيوا منجهان ملندا ميوا
ويدن آ فرمايو - شانتي پايو

٣- ڪرڻ ڪهي نفرت نيزاري - مٺو ٻولڻ سدا سڪاري
ڪوڙو ڪين ڳالهايو - شانتي پايو

٤- آگيا وڏن جي جيڪو مڃي ٿو - وئڪنٺ سوئي وڃي ٿو
سنتن صاف سڻايو - شانتي پايو

٥- پريم ڀلاءِ ڪري من ڏاريو - ويرو روڌ نه دل ۾ ڌاريو
گهر کي سرڳ بڻايو - شانتي پايو

هن طرح ساوتري ٻائي به سس سهري جي پريم سان شيوا ڪندي هئي ۽ پتيءَ جي آگيا کان به ٻاهر نه ويندي هئي آهوئي ڪم ڪندي هئي جنهن مان پتيءَ جو چت پرسن رهي - پتيءَ کي

پوسن ڪرڻ معنيٰ ايشور کي پوسن ڪرڻ اهو ويچار ڪري هميشه ٿورتائن ڀلايون ڪري رهندي هئي ۽ پتي شيوا بابت پين کي بہ سکيا ڏيندي هئي -

(ڀڄن راڳ تلنگ ٢٣)

ٽل - پتي اٿو پرميشور جيئنيون تنهن سان پريم لڳايو مڪتي پايو

١ - لولو هجي توڙي پنگلو ڪاڻو انڌو منجو عيبن هاڻو
خوش ٿي ڪيس ڪارايو مڪتي پايو

٢ - پتي برهما پتي وشنو - پتي شنڪر پتي ڪرشن
نئڙي سيس نوايو - مڪتي پايو

٣ - ڇا هي شرابي هجي جواري - تنهن کي سمجھو موهن مراري
منهنجو ڪين مٽايو - مڪتي پايو

٤ - پريم ڪريو ڀلاج پتيءَ سان شيوا تنهنجي ڪريو خوشيءَ سان
دلڙي ڪين دکايو مڪتي پايو

هن طرح ساوتري سس سهري ۽ پتيءَ جي شيوا ۾ پنهنجو جنم سڦلو ڪرڻ لڳي ۽ ايندڙ ڏک جي دور ڪرڻ جو سامان تيار ڪرڻ لڳي سو ڪهڙو ؟ ستيهڻ جي شڪتي . ستيهڻ جي شڪتي اها آهي جا قدرت جي قانون کي بدلي سگهي ٿي - ڪڏهن ڪڏهن ساوتريءَ کي نارد جي وچن جو ڏک دل کي ڏمڪائيندو رهيو ۽ اهو مصيبت جو موقعو بہ ويجهو ٿي پهتو ويو . ڇوڪريءَ لاءِ ڏک جو چند زمان ڇڙهندو ٿي ويو . جنهن ساوتريءَ جي سک جو انت ڪرڻ ٿي چاهيو پر ساوتري بہ پنهنجي ستيهڻ جو سورج روزانو اڀاريندي رهي ۽ ايشور کي ارداس ڪندي رهي تہ هي ڏات اسٽي ۾ هي لڄ رکج -

(ڀڄن راڳ پهاڙي ٢٤)

ٽل - موں دکي جي درد جو - ڏٺي هيو وسيلو ڪو نہ ٿئي
مرض منهنجي جو مٽا - تو بن حيلو ڪو نہ ٿئي
١ - آسري تنهنجي الک ٿي - مان وسان ويران ۾
تو بنا ڪرتار منهنجو - هيو قبيلو ڪو نہ ٿئي
٢ - پل جلائج جان منهنجي - پر ڏهاڳڻ ڪيم ڪر
رام تو بن موں نماڻي - جو وسيلو ڪو نہ ٿئي
٣ - پريم پالج پنهنجو - ڀلاج جان پرماتما
ناه مان مونکي بچائڻ - لئہ وسيلو ڪو نہ ٿئي

هن طرح ساوتري ايشور اڳيان ارداس ڪري پنهنجو سمو سک سان گذاريندي رهي - پر اندر ۾ آن اياڳي ڏينهن کي سنڀاري چنتاتر ٿي ويندي هئي. من کي گهڻو ئي ڌيرج ڏيندي هئي پر پريم جي پرواه ۾ ڌيرج روپي پيڙو نہ ٽڪي سگهي ۽ چت ۾ چوندي هئي تہ پرماتما اهو ڏکن جو ڏينهن موں اڀلا جي اکين اڳيان نہ آڻجان ۽، انسان تہ پنهنجي من جا منورٿ گهڻائي بڻائي پر ايشور جي گت ايشور ڄاڻي -

(ڀڄن راڳ ضلع ٢٥)

ٽل - ڏٺي جي گت ڏٺي ڄاڻي - سياڻي الائي ڇا ٿيندو
منش ڪوئي نہ پهچاڻي - سياڻي الائي ڇا ٿيندو
١ - وري گهرگهر ٿي واڌائي - وئي ٿو راڄ رگهرائي
پٺي ڪل ڪيس نا ڪائي - سياڻي الائي ڇا ٿيندو
٢ - يڪ شتر ۾ هنيو دارو - ملي موں راڄ جنن سارو
ويو بنواس ويچارو - سياڻي الائي ڇا ٿيندو

٣ - رشي گوتم ويو ڏکري - اندر کي منهن لڳو مصري
اڄي ڪل ڪا نه ٿنهن ٽڪري - سياڻي الائي ڇا ٿيندو
٤ - ڪهي پهلاج سڻ پائي - ٿئي سا رام جا ڀاڻي
پتو پئي کي نه آ ڀائي سياڻي الائي ڇا ٿيندو

هيڏانهن ساوتري هنن گهرن خيالن ۾ مگن هئي هوڏانهن وري اڄ اهو اڀاڳو ڏينهن به اچي ويو جنهن ڏينهن واسطي نارد ساوتريءَ کي ستيوان جي جدائيءَ جو ڏپ ڏنو هو. صبح ٿيو اهو صدمن جو سورج چڙهيو. ستيوان به روزاني وقت تي ماتا پتا جي شيوا واسطي ڦل ڦولن ۽ پڻن واسطي ٽوڪري مٿي تي کڻين ۽ ڪاٺين وڍڻ واسطي ڪهاڙو کنيو ۽ ڪاٺين ٻڌڻ لاءِ هٿ ۾ نوڙي کڻين. پوءِ ماتا پتا کي متو ٽيڪي ڪنيا ۾ ساوتريءَ کي ويڀاري جهنگل ڏي هلڻ لڳو ته اپتري ۾ ساوتريءَ جي دل کي ڌڌڪو اچي ويو سهي ڪيائين ته جل ڪان مڇليءَ جي جدا ڪرڻ واسطي ڪال روپي مهاڻي جي ڄار پوڻ جو سمو اچي ويو بس ڌڪدم ستيوان جي پيرن تي ڪري پئي هٿ جوڙي چوڻ لڳي -

شعر

اڄ اوهين بن نا وڃو - ڪاٺين ڪرڻ جي واسطي
منت هيءَ منهنجي مڃو - گهر ۾ رهڻ جي واسطي
مان سوامي ٿي وچان - لڪڙين پڃڻ جي واسطي
مهرسان موڪل ڏيو - بن ۾ وڃڻ جي واسطي
ڦول ڦل چوندي اچان - ڪاٺ پيٽڻ جي واسطي
ٿي اچان موٽي سگهو - چرڻن چمڻ جي واسطي
پر اوهان اڄ نا وڃو - بن ۾ گهمڻ جي واسطي

سخت آ سورج چڙهيو - صدمن ڏيڻ جي واسطي

هن طرح ساوتريءَ کي منع ڪندو ڏسي ستيوان چوڻ لڳو ته ڇو پياري مان روز ڪاٺيون ڪرڻ ويندو آهيان تڏهن تو ڪو نه ڪو مونکي روڪيو پر اڄ ڇو ٻن ۾ وڃڻ کان روڪي رهي آهين جنهن تي ساوتريءَ جواب ۾ چيو ته بس سوامي حال احوال نه پڇو اڄ اوهانجي بدلي مان ئي ٻن ڏي وڃان ساوتريءَ خيال ڪيو ته اڄ اهو ساڳيو ڏينهن آهي جو رشي نارد جي چوڻ موجب متان ٻن ۾ ستيوان ڪنهن جانور جي هٿان ديهانت نه ٿي وڃي - ساوتريءَ ته پنهنجا گهڻائي دليل ڊوڙايا ۽ ستيوان کي ٻن ڏي وڃڻ کان روڪيو پر ستيوان به اڄ پنهنجي هٺ تان لٿوئي ڪين. ساوتريءَ گهڻيئي ٻهانا ٻڌائي ستيوان کي چوڻ لڳي ته اڄ هٺ نه ڪريو جو ڏينهن خراب آهي ٻن نه وڃو -

(ڀڄن راڳ پيلو ٣٦)

ٽل اڄ ساوتريءَ لئه سوامي - سورن جو سج چڙهيو آهه
تنهنجي ۽ منهنجي سک کي - سورج ڏسي ساڙيو آهه
١ - اڄ آپدا جو آهي - ڏاڍو ڏکيو ڏهاڙو
اڻوڪو رنگ ايشور - مستڪ مٿان مڙهيو آهه
٢ - ڪرٽيءَ ۽ ڪرم جي اڄ - لڳي آهي لڙائي
پستڪ پتي مون پيارا - تقدير جو پڙهيو آهه
٣ - هڪ اٿو ڪلهي ڪهاڙو - ٻيو ڪال کي آ ڦري
تنهنجي ڳلي گهٽڻ لئه - غافل وجهي گهڙيو آهه
٤ - ڀلاڄ جان پريکيا - آهه وڇوڙي واري
ڏيندي يس جدا نه سوامي - تو سان مون جي جڙيو آهه

ساوتريءَ جي هن ڏکويل دل کي ڏاڍي سٽ ويئي. هڪو ڪو ٿي ويو؟ ساوتريءَ کي ڇوڪري لکيو ته پياري ڇو اڄ ايترو دل کي مايوس ڪيو اٿيئي سچ ٻڌاءِ ته ڇا ڪوئي پيارو سهڻو لڌو اٿيئي يا ڪنهن موڙ ڪري تنهنجي دل کي برغلايو آهي يا اڃان استري پڻي جي ڪانئرتا جو شڪار ٿي رهي آهين جو منهنجي من کي به ڪانئر بڻائڻ ٿي گهرين - سو مان تنهنجي من ورتيءَ کي سمجهيءَ نٿو سگهان پر ڪٿي به هجي تنهنجي ڇوڪري تي روزاني ماتا پتا جي شيوا کان پاڻ کي پاسي نه ڪندس - ڀلي ڪيتري نه تڪليف ايندي اُن کي منهن ڏيندس پر ماتا پتا جي ٽهل چوٽ نه ڇڏيندس اهو سڀاڳ پت جو فرض آهي مان تنهنجو غلام نه بڻبندس -

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٢٧)

ل- پتا ماتا جي شيوا کان - هرگز دل نه هٽائيندس
سڀي صدمان سوين سر تي - سچو ناتو نڀائيندس
١- سهاري سور سختيون - مونکي ماتا پتا پاليو
ڪندس شيوا عمر ساري - نه من ۾ مڪر بڻائيندس
٢- مائٽي پوءِ ماءُ جي آگيا - ٿيو رگهنات بنواسي
پتي مان به آها پوتي - پرالڻ کي چڙهائيندس
٣- هزارين ڏک سڀي سوڙ - ڪٽي پوءِ ماءُ جي شيوا
تڏن مان به ڪري شيوا - سڀاڳ پت سڏائيندس
٤- ملي ڀلاج ٿي مڪتي - پتا ماتا جي شيوا مان
ڇڏي پوءِ ماءُ جي شيوا - ڪٿا ترنا ڪوڏائيندس

هن طرح جڏهن ساوتريءَ ڏٺو تہ سوامي ٻن وڃڻ کان ڪنهن بہ حالت ۾ نٿو هلي تڏهن ويچار ڪيائين تہ جيڪو مان بہ ٻن ۾ ساڻ وڃان مٿان ڪو اهڙو ڏکيو وقت اچي وڃي تہ من همدردي ڪريان اهو پڇائي سٽيوان کي چوڻ لڳي تہ جيڪڏهن اوهان ٻن وڃڻ کان نٿا رهو تہ مهرباني ڪري موکلي بہ ساڻ وٺي هلو - جو اڄ مان سارو ڏينهن توهان کي اڪيلو نہ ڇڏينديس - سٽيوان ساوتريءَ جي اهڙا ڳالهہ ٻڌي کيس ڏمڪائي چوڻ لڳو تہ هي ساوتري هاڻي تون ايڏو هٺ ڪٿان سکي آهين ؟ ٻن ۾ تون زال ذات ڇا هلي ڪندين ۽ مان اڄ تنهنجي چوڻ ڪري جلد ئي موٽي اچان ۽ تون ماتا پتا جي اڳيان وڃي مٿان ڪين اڪيلي هٺ ڪري اُٿڻ وهڻ ۾ تڪليف ڏئي - بس وڌيڪ نہ سٺاءِ استريءَ جو فرض آهي پتيءَ جي آڳيا تي هلڻ -

(ڀڄن راڳ سوهڻي ٢٨)

ٽل- استريءَ کي پتيءَ جي - مڃڻ گهرجي آڳيا
پلي بہ نہ تنهنجي - پڃڻ گهرجي آڳيا
١- آهي نارجو فرض آڳيا تي هلڻو - ستيءَ کي پتيءَ جي سهڻ گهرجي آڳيا
٢- ڪڏهن پير آڳيا ٻناڪين ٻاهر، اچڻ ۽ وڃڻ جي وٺڻ گهرجي آڳيا
٣- وچن تي هلي سا - سکي نيڪ ٿيندي
ڏسي دکہ يا سکہ نا ڇڏڻ گهرجي آڳيا
٤- هلو ڪين پلاج آڳيا کان اٻتو ٻڌي پا نهون پيٽي ٻڌڻ گهرجي آڳيا

سٽيوان جي هن وارتا کي ٻڌي ساوتري هٿ جوڙي چوڻ لڳي تہ سوامي اوهان جو چوڻ برابر آهي تہ ناريءَ جو فرض آهي پتيءَ جي آڳيا انوسار هلڻ ۽ مان بہ اوهان جي آڳيا ٻنا ڪڏهن

پوءِ ڪو نه ڪنيو هوندو مگر اڄ منهنجي ايڏي هٺ ڪرڻ جو ضروري سبب آهي جو ڪنهن موقعي تي ٻڌائيندس. اڄ ڏينهن آهي اوهان کان مونکي حياتيءَ تائين ڌار ڪرڻ وارو جنهن ڪري مان اوهان سان گڏ رهي اڄوڪي ڏينهن پنهنجي ست کي آزمائيندس تنهن ڪري اڄوڪو ڏينهن منهنجو اوهان سان ڪٺو رهڻ ڪمائڻو آهي. ستا ۽ تارا ديوين به ڏکن جي وقت پتين سان گڏ رهي وقت جي مصيبت کي منهن ڏنو هوس ياد رکو.

(ڀيرون راڳ پهلو ٢٩)

ٽِڪ- مونکي ڪين ڪڍ لاچار ڌڻي - ڏيئي ڳٽي ڳچي نه تون ڳار ڌڻي

١- جئن ماڇيءَ کي نير جي - ماري جدائي خوامخواه
تئن پتي تنهنجو وڇوڙو - لاءِ منهنجي موت آهه
هاڻي ويهي ڪريو ويچار ڌڻي

٢- رام ويو بنواس تنهن سان - سنگ ۾ سيتا وئي
چاهه ۾ چوڏانهن ورهيه - تنهن شوق سان شيوا ڪئي
تنهن کي رام ڪيو هو نه ڌار ڌڻي

٣- پريم سان پهلاج مونکي - پاڻ سان نيندا مٺا
پوءِ ڏکن وارا ڏينهڙا - ڪينڪي ايندا مٺا
ادو مونتي ڪيو اپڪار ڌڻي

هن طرح ساوتري اکين مان آنسون ڀري ستيوان کي ساڻ وٺي هلڻ واسطي وينتيون ڪرڻ لڳي. ساوتريءَ جي ضد ڪرڻ جو فقط اهو سبب هو جو ساڻ رهي ٻن ۾ پتيءَ جي آپدا نوارڻ جو جوڳو اپاءُ ڪنديس تنهن ڪري ٻن ۾ هلڻ لاءِ هٺ ڪري ويٺي.

سعيوان ڏٺو ته ساوتري نٿي مري سو چيائينس ٻچو ٻيلا هل ساوتري سعيوان جي هڻ آڳيا کي پڌي پرسن ٿي پنهنجو اشٽ ديوتا مڃائي، سس سهري کي سيس نوائي آسيسا پائي پريم سان موڪلائي ٻنهي سان ڳڏجي جهنگل ۾ ڪاٺيون ڪرڻ واسطي هلي اچان آشرم کان نڪري ٿورو اڳتي وڌيا ته ساوتري کي بد سڳڻ نظر اچڻ لڳا. ڪٻرا جو واٽ تي مڙدو چڪيا چوهيل ويندو ڏٺائين ۽ ڏينهن جو آڪاس ۾ تارا ڏسڻ لڳي ٻئي طرف کان گدڙن جي روئڻ جو آواز پوڻ ۾ آيس ۽ هيڏانهن وري ساوتري جي متي ڏان هر هر ساڙهي ڪرڻ لڳي بس ساوتري اُنهنا سوڻ ڏسي ٻنهي کي جهوڻ لڳي ته سوامي اڳتي نه هلو موتي هلو جو اڄ سوڻ کوڏا ڏا نظر اچن جي اڳتي هٿ ڪري هلندا ته ڀلو نه ٿيندو سو ديا ڪري دير نه ڪريو ۽ اڳتي ڏاڻ کان پوئتي هلو جو موڪلي اڄ وهم ٿو پوي ته اڳتي هلڻ ۾ نقصان آهي ڏکن واري ڏهاڙي جا پيغام پيا نظر اچن.

(ڀڄن راڳ آسا ۴٠)

ٿل- اڄ ڏکن وارو ڏهاڙو ٿي ڏسان- چوطرف اونده انڌوڪار ٿي ڏسان

١- هڪ طرف کان سج ستا ڻٽو اچي ڪال وانگي جڙ ڪنبا ڻٽو اچي
هوا ولڊ وه ڪندو ويچار ڻٽو اچي- نرڪ وارو جڙ نظارو ٿي ڏسان

٢- ٻئي طرف کان ٿوروئي ڪا روڪتو- ۽ پيو هووات تي مڙدو سڙو
پکين جنهنجي اکين کي وٺي چٿو- وقت جڙ مان وره وارو ٿي ڏسان

٣- ٽئين طرف کان ٿي ڪري ساڙهي سهي- ٿي وڃي هر هر منهنجي متان لهي
جٽڪو واٽي ڪري موڪلي ٻنهي- او چتو مان سر اُڪهارو ٿي ڏسان

٤. تنهن ڪري موتي ڏلوکهوڙي ڏٺي. باب اچ منهنجي الائي ڇا ٿي
ڇا ڪنديس ڀلا ڄمان هڪڙي چٽي. ڪال مان سرتي کهاڙوتي ڏسان

ستيوان هي ساوتريءَ جا خوفناڪ وچن ٻڌي ڪجهه دل ۾ دهڪڻ لڳو ورِي بہ دل کي ٻڪو ڪري ساوتريءَ کي سمجهائڻ لڳو تہ پياري ڇو تون اڄ سپنن جي سمنڊ ۾ غوطا کائي رهي آهين موکي اڄ تنهنجي ڪائرتا جي ڪل ئي نٿي پوي. ڀلا جنهن حالت ۾ مان تو سان ساڻ آهيان پوءِ توکي ڪهڙو خوف آهي ڪا اڪيلي تہ ڪانہ آهين جنهن استريءَ سان پتي ساڻ آهي اُن کي ڪهڙو خطرو آهي -

شعر

جنهن استريءَ کي ڪنت ساري - اچ ڏکي ڪيوڏ آهہ
۽ سندس دشمن سڄو ئي - ٿي رهيو پروار آهہ
چو طرف جنهن لئہ جڳت ۾ - ظلم زاري زار آهہ
توب گولا ۽ بندوقون - يا تکي تلوار آهہ
اوچتو اُن جي مٿان - ڪڙڪي اچي ڪا مار آهہ
۽ ويچاري جو دنيا ۾ - ڪو نہ ٻيو رکوار آهہ
پر فقط تنهن نار سان - جي ساڻ هڪ ڀرتار آهہ
ڪروڙ دشمن بہ ڪندا - تنهنجو ونگو نہ وار آهہ

هن طرح ساوتريءَ ستيوان جا پريم ڀريل وچن ٻڌي هٿ جوڙي چوڻ لڳي تہ هي سوامي اوهان جو چوڻ ستيہ آهي ۽ مان بہ سمجهان ٿي تہ جنهن استريءَ سان پتي هر وقت ساڻ آهي اُن کي ڪال جو بہ ڀؤ ڪو نہ آهي ڇاڪاڻ تہ استريءَ جي رکيا پتي ڪري ٿو سگهي. پر پرماتما سگهہ ڪري جيڪڏهن ڪا اوهان

تي اوچتو اچي تڪليف پوي پوءِ مان اٻلا اوهان کي ڪئن
بچائي سگهندس مون اٻلا کي ڪهڙي طاقت آهي جو اهڙي
اڪيلي ٻن ۾ اوهان تي آيل مشڪلات کي منهن ڏيان

(پيلن راڳ لوڙائو ۳۱)

ٿل - پتيءَ کان سواءِ آهي ناري ويچاري -
سڌي سيڪو تنهن کي ڏائڻ ڏڪاري

۱. ڏکڙو ڏکن ڏٺي جو پيو طعنا تپائن - جلي جان جيڙي برهه باهه ٻاري
۲. ڏکي ڏار تنهنکي ڪري ڪشٽ سارو - سنڀاري موت کي پتي ساڏ هاڙي
۳. اچي ڪو نه آرام تنهنجي اندر ۾ - روئي ۽ رڙي پيو بدن بيقراري
۴. ٿئي ٿل نه ڀلاج ڪائي ڏاڍ ڳڻ - مرد کان بنا آهي ناري اگهاڙي

ساوتري جا ستيوان هي ويچار ٻڌيل وچن ٻڌي ڪري ڪيس ڌيرج ڏيڻ جو لڳو ته ساوتري هاڻي گهڻو نه ستاءِ جڏن تنهنجي مرضي آهي مان تنهن ٿو ڪريان، فقط هتان ٿي ۲-۳ ڪاٺيون ڪپي ٿو هلان اڳتي نه هلون - ستيوان ائين چئي ڪهاڙو ڪلهي تي رکي هڪڙي وڻ تي ڪاٺين وڍڻ لاءِ چڙهيو اتي سورج ٻه چڙهي سر مٿان آيو جڏهن ستيوان هڪ ٻه ڪاٺي وڍي تنهن مٿي ۾ اچي سور پيس ۽ چڪر اچڻ لڳس ۽ اکين اڳيان اونده ۾ وري ويس سارو بدن ڏڪڻ لڳس ۽ هٿ مان ڪهاڙو پٽ تي ڪري پيس پاڻ ٻه لهندو ڏڪندو هيٺ لهڻ لڳو. مٿي ۾ سور وڌندو ويس لهڻ شرط بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيو ۽ وات مان اوچتو دانهن نڪري ويس ته هي پياري هاءِ مان اڄ مران ٿو مون کي جلد هن موت کان ڇڏاءِ الائي منهنجي مٿي کي لوهار وانگي ڪير ڪٽي رهيو آهي ۽ بدن کي ڪهاڙي وانگر پيڙي رهيو آهي ۽ اکين اڳيان ڪارا ڪڪر ڏسڻ ۾ ٿا اچن. ٻاهر جون ٻنديون پيا هٿ ۾ ڪنيو اچن. ڇڻ مون کي جيڙي جلائڻ ٿا اچن تنهنڪري

جلد مونکي هن اوجهڙي اوڙاهه مان ڏک جي درياهه مان موت جي
باهه مان بچاءِ، جيڪڏهن اها حالت هڪڙو ڪلاڪ رهي ته
منهنجو جيئڻ ڏکيو ٿيندو تنهن ڪري ديا ڪر ڪو منهنجي بچڻ
جو پتن ڪر -

(پڇڻ راڳ آسا ۴۲)

ٽل - ڏوڙ پياري باهه مان مونکي بچاءِ ٿو مران مان اوڇتو اچ هاءِ هاءِ

۱- هڪ طرف کان سر ڦري چوڌار ٿو - چڻ مٿو ڪن سان ڪٽي لوها ر ٿو
جلد هن تڪليف کان مونکي ڇڏاءِ

۲- ٻئي طرف کان جان ساري ٿي جڙي - پير کان چوٽيءَ تلڪ سڙ ٿو سڙي
جهٽڪ پرندڙ باهه پربت ٿو ٻري سيگهه پياري جل وجهي تنهنکي وساءِ

۳- ٽئين طرف کان دوت ڪا راڙو ٿو سان - ۽ ڪاهي ڏن ڪي ڪپا ڙو ٿو ڏسان
دشمن پر پرندڙ آما ڙا ٿو ڏسان - جهٽڪ مونکي ٿا ڏين اچ باهه باهه

۴- سيگهه پياري آڻ ڪومون لئه طبيب ٿو مران سر بت بنان اچ مان فريب
پيءِ امان جو نه درشن ٿيو نصيب - جيئڻ جي بهاج ناهي جاءِ جاءِ

هن طرح سٿيوان ساوتريءَ کي سڏ ڪندو ۽ رڙيون
ڪندو ڪندو بيهوش ٿي ويو - ڏوڙ پائي ساوتري کيس گوڏي
تي سمهاري دوا ڪرڻ لڳي ۽ سڏ ڪرڻ لڳي - هي سوامي هي
چا ٿي ويو مان اڳيئي ٿي چيو ته اچ سورن جو سج چڙهيو آهي
گهر موٽي هلو پر اوهان پنهنجي هٺ تان نه هٽيا هاءِ هاءِ هاڻي الائي
چا ٿيندو . مان هن کهاٽي ٻن ۾ اڪيلي ڪٿي ڪنديس ۽
ڪنهنکي پڌ ائينديس - جڏهن ماڻهو ته ٺهيو پر مرون به ڏسڻ ۾ نٿو
اچي - سوامي مونکي اڪيلو نه ڪري وڃو اوهان ٻنا منهنجو
جڳت ۾ ڪوئي به ڪو نه آهي ، اٿو جاڳو جاڳو پيءُ ماءُ جي اکين
جا تارا ، پڳوان جا پيارا ، داسيءَ جا دلارا ساوتريءَ جي نيڻن جا

ستارا، جڳت جا آڌارا، اَڻو جلد اَڻو جاڳو موکي ڏاڍي ڏکڻ ۾ بطيو حياتي جو ڏک ڏيئي وڃو مسان اوهان کان سواءِ سنسار ۾ کهڙي سوڀيا پائيندس، پيڪن ساهرن ۾ کهڙو منهن کڻي هلنديس، پٽو رتائن کي ڪهڙو ڪتاب پڙائيندس اَڻو مهرباني ڪريو منهنجي دل کي ڏسي دکايو ساهر کي نه ستايو، اَڻو اَٿو جلدي اُٿو –

(ڇپن راڳ ما فجھه ٣٣)

ٿل - هيءَ اڪيلو اڇ ڪري – تون مار نا موکي پٽي
ڏک ڏاڍي جو ڏکيو – ڏيڪار نا موکي پٽي

١ – ڪين رهندي جان منهنجي – جيڏري اڇ تو بنا
ڏيئي برهه جي باھ تون – اڇ ساڙ نا موکي پٽي

٢ – ٿي سڄو سنسار کي – پرنا، پاپان تو بنا
پاڻ کان دک پل پري - ڪر ڏار نا موکي پٽي

٣ – زهر منهنجو ٿي ويو – اڇ طعام ۽ آرام آ
۽ وٺي ٿو جان تي – سيڪار نا موکي پٽي

٤ – پاڻ سان پهاج موکي – جي نيون ڪڻ ڪوڏ ۾
ٿو وٺي گهر پار ۽ - پرواز نا موکي پٽي

ان طرح ساوتري ستيوان جو مٿو پنهنجي گوڏي تي رکي ڪهڙي سان ستيوان کي دوا ڪري لڳي ۽ ڪيس سڏ ڪري غشيءَ مان سجاڳ ڪرڻ لڳي پر ستيوان بيماريءَ جي سخت سٽ لڳڻ ڪري تمام بيهوش ٿي رهيو هو جنهن کي ڪير ۽ جهنگل جي سڏ پڌ ڪجهه به ڪا نه هئي صرف هٽ پير ۽ اکيون پيون هلن ۽ رڙ مٿان رڙ ٿي پيئي ۽ اکين مان گرم پاڻي ٿي وهيو ۽ سندس ورتي ماتا پتا ۽ ساتريءَ جي سڪ اندر ڦاٿل هئي. ڪلو گهڻجي

ويو هو حالت خراب ٿي ويئي هئي متان ساوتريءَ ويٺي ڳوڙها ڳاڙيا - ڪجهه دير تائين ستيوان کي هن حالت ۾ ڏسي ساوتريءَ جوش مان ستيوان کي سڏ ڪرڻ لڳي ۽ ڪيس پاڻيءَ جا ڇنڊا وجهڻ لڳي ۽ هوڻ لڳي سوامي اٿو جاڳو موں نماڻيءَ ڏي نرمل نيڻ کڻي نهاريو - جنهن وقت هي ساوتريءَ جو آواز ستيوان جي ڪنن ۾ پهتو تنهن مهل ستيوان ٿورو سجاڳ ٿي اکيون کولي ساوتريءَ ڏي نهاري نيترن مان نير آڻي ڪڏيل اکرن ۾ ساوتريءَ کي سڏ ڪري هوڻ لڳو ته هي پيارے -

شعر

اي پياري اڄ بيماري ۾ اچانڪ ٿو مران
ٿو مري مرڪو مگر اڄ مان اچانڪ ٿو مران
دان ۽ اشنان سربت - بي نه موکي ٿيو نصيب
وات ويندي راهه هلندي - هاءِ ناحق ٿو مران
انت ۾ ماتا جو به - نه درشن ٿيو نصيب
اڄ اڪيلو جهنگل ۾ - نوجوان نازڪ ٿو مران
آڻ پياري موں ويچاري - واسطي ڪا جهت دوا
ري ڪرم ڀلاج ۽ - ري ڪفن خالق ٿو مران

هن طرح ساوتريءَ ستيوان جا تمام دل ڏکائيندڙ لفظ ٻڌي دل ۾ ڏاڍي ڏکي ٿيڻ لڳي - هڪ طرف پتيءَ جو ڏک ٻئي طرف بن ۾ اڪيلي ، ٽئين طرف پنيان سس سهري جي چنتا چوڌون ناره وارو وهن به اکين اڳيان ٿي ڦريس تنهنڪري ساوتري ويچاري چنتا ۾ پرجي ويئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ته ڪو هن ڏک جي وقت ۾ اچي مدد ڪري پر ڪجهه به نظر ڪونه ٿي آيس تڏهن دل ۾ ڌيرج ڌاري پاڻ تي پاري روئڻ کان سواءِ ٻي

واھ نہ ڏسي ستيوان کي سمجهائڻ لڳي تہ ھي سوامي توھان گهبرايو نہ دکر سکہ انسان جو مرڪ آدي اھڙيون ڪيتي آپدائون انسان کي ڏسڻيون پون ٿيون - تنھن ڪري مرڻ جو نالو نہ کڻو ۽ دل کي ڌيرج ڏيو ايشور سڀ ڀلي ڪندو آيل آپدا بہ ٽري ويندي باقي موت جو نالو کڻي مون کي ڏاڍو جو ڏکہ نہ ڏيکاريو -

(ڀڄن راڳ ڀا ڀيسري ٣٤)

مونکي پرتار متان دل کان ڏکي ڌار ڪريو
وڇوڙو ڏيئي متان برھہ بيمار ڪريو
١- اوھان ري آسرو مونکي نہ ٻيو اٿي مالڪ
جدائي ڏيئي متان لوڪ ۾ لاچار ڪريو
٢- پتيءَ ري نار جو جيئڻ آ جڳت ۾ ٻيڙو
ڏيئي ڏاڍو متان خلق اندر خوار ڪريو
٣- پرما ماتا کي پنيان ڪير پاڻي پيار يندو
ڪڏي پا پاڻ سان سيتي جو سنسڪار ڪريو
٤- سکهو ڀلاج جان پرما تما ديا پالڪ
منھنجو منٺار مون کان ڪينڪي نروار ڪريو

ھن طرح ساوتري روئي بہ پيئي ۽ ستيوان جي دل کي ڌيرج بہ پيئي ڏئي ۽ متان ٿڌي ٿڌي ھوا بہ پيئي ڪري - اُن جهنگل ۾ اُن وقت ڪي پکا ڪونہ ھوا مٽي جي سا ڙھيءَ سان ٿي ساوتريءَ ھوا ڪئي - پاڻيءَ پيئڻ واسطي ڪو ڪٽورو گلاس ڪونہ ھيو پر ساوتري پنھن جو دونو ڏاھي منھنجس پاڻي وجهي ٿي ستيوان جي ڪلهي کي سيتل ڪيو - آتي ڪو وڏا ٺوڳدي ڪاڻ ھتي پر ساوتري

ستيوان کي پنهنجي گود ۾ سمهاري تي آرام ڪرايو ۽ ستيوان جي بيماريءَ ڇٽائڻ واسطي ڪو اُتي حڪيم ۽ دوا ڪانه هئي پر ساوتريءَ پنهنجن مٺن وچنن سان تي ستيوان جو دک دور ڪيو ۽ ستيوان کي سجاڳ ڪرڻ جا تي حيلا هلايائين هر هر پيئي چوي ته سوامي اُٿو جاڳو جاڳو هڪ دفعو ٻون اٻلا سان اکيون وانڪر ملو ڳالهايو ۽ دل تان جدائيءَ جو جوش هٽايو اندر جي آتش کي وسايو. پنهنجو پاڻ پسايو نيڻ سان نيڻ ملايو وري سهاڳڻ بڻايو پنهنجي هٿن سان مونکي ستي بڻايو - ساوتريءَ جا اهي دردناڪ ورلاپ ٻڌي ستيوان وري ٿوريون اکيون پٽي ڪهتيل ڳلي مان ڪي پيارڪ ٻول ٻولڻ لڳو -

شعر

ڇا ڪريان پياري اڄو ڏوت ڪارا ٿا اچن
ڊوڙندا ڊڪندا اڳيان - منهنجي مٿا را ٿا اچن
ڪي ڪنيو تلوار ۽ ڪي - ڪپ ڪهاڙا ٿا اچن
ڪي ڪنيو ڏس تيل مان - ٻاري اُما را ٿا اچن
ڪي پٽي آڪاس مان - چڙهي چنڊ تارا ٿا اچن
ڪي ڪنيو زنجير هٿ ۾ - جيل وارا ٿا اچن
ڪي ڏيکارين ڪي ڊيڄارين - ڪي ڪنبائن ٿا پيا
ڪي ٻڌي زنجير ۾ - مونکي ڦسائن ٿا پيا

ساوتري ستيوان جا هي پيارڪ واڪ ٻڌي هاڻي ته سهم پڇم ڊچڻ لڳي ۽ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي ته ڌارڌجي وچنن جا نيشان پيا نظر اچن ۽ هيڏ انهن وري ستيوان ۾ مورڇت ٿي ويو - ساوتري هن حالت کي ڏسي بلڪل وياڪل ٿي ويئي ۽ ستيوان جي هٿن پيرن کي هٿ لائڻ لڳي پر ستيوان جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ هاڻي بند ٿي

ويو - سندس گل بدن اڄ مڙدن جي مثل ٿي رهيو هو ۽ پر ساهہ تہ اڃان اندر هو - ساوتري هن حالت کي ڏسي غمگين ٿي ڪري مٿي کي هٿ ڏيئي روئڻ بہ لڳي ۽ ڇوڙ بہ لڳي -

(پيلو راڳ ضلع ۳۵)

ٿل- دنيا ۾ ڪانہ ڪا مون جهڙي دکايل هوندي
اوهان جي سڪ ۾ نہ ٻي ڪا سڪايل هوندي
۱- وهي ويو قلم قضا جو ڪو منهنجي ڪرمن ۾
نہ ڪا ٻي سوز ۾ مون جهڙي سڙايل هوندي
۲- وڻي ٿو طعام ۽ آرام نا طبيعت کي
اوهان جي آس ۾ نہ ٻي ڪا بہ آجايل هوندي
۳- رڙان ٿي روز ڪري درد منجهان مان دانهون
اوهان جي برهہ ۾ ٻي ڪا نہ بڪايل هوندي
۴- پسايو پاڻ پهلاج کي پريتم اڄ
نہ ڪا ٻي پريم ۾ مون جهڙي پڇايل هوندي

هن طرح ساوتري روئندي رڙندي اکين مان آنسون ڳاڙيندي ستيوان جي ڇاتيءَ کي پسائي سيتل ڪرڻ لڳي هوڏا نهن ستيوان بہ بيماريءَ جي سخت بيهوشيءَ ۾ مڪن ٿيو پيو آهي - دل ۾ انتڪال وارو وقت ڏسي رهيو آهي ۽ ماءُ ٻي جي وڇوڙي ۾ سندس ورتي ڪومائجي رهي آهي جيڪ مڙدن مثل ٿي رهيو آهي رڳو ناتڪ جي هلڻ وانگر اکيون ڦيرائي رهيو آهي ۽ ساوتريءَ ڏي در هو نهاري رهيو آهي پر منجهس ڳالهائڻ جي طاقت ڪانہ آهي رڳو ڳوڙهن ۾ ڦري رهيو آهي - ساوتري ستيوان جي دن حالت کي ڏسندي رهي پر آسرو ڪونہ ڪو لاٿائين ستيوان

کـــي سهاڳڻ ڪرڻ لاءِ حيلا هــلائيندي رهي جنهن وقــت ڏاڍي ورلاپ سان ڪيس سڏ ڪيائين اُن وقت سٽيوان اڪيون ٻٽي اشڪال جي موڪلائڻ وانگر هي ڪجهه پڪا لفظ واتــان چــوڻ لڳو.

شعر

بس مٺي منهنجي ۽ تنهنجي موڪلاڻي ٿي ٿئي
هن دنيا فانيءِ مدجهان. غائب جواني ٿي ٿئي
ڇا ڪريان ڪاڏي وڃان. ڪهڙي ڪهاڻي ٿي ٿئي
دکر ڏسي تنهنجو ڏکايل - دل اُٻاڻي ٿي ٿئي
معاف ڪر منهنجي جواني. اڄ رواني ٿي ٿئي
اوچتو ويران ۾ - منهنجي پڇاڻي ٿي ٿئي

سٽيوان ائين چئي بيهوش ٿــي ويو سندس تن بدن جي حالت خراب ٿيندي ويئي جنهن ڪري ٿئين خراب حالت کي رسندو ٿي ويو سندس بچڻ جــي اُميد ايشور ۾ هئي - هيڏانهن ساوتري سٽيوان جــي حالت ڏسي ڪومائجي ويئي ۽ اوچي آواز سان سٽيوان کي سڏ ڪرڻ لــڳي ته هي سوامي اُٿو مون نماڻيءَ ڏي نهاريو، دکر دور ڪريو ۽ اهي جدائيءَ جا لفظ ڪرنــه آکيو مون دکايل جي ڏتيل دل تي وچوڙي جو لوڻ وجهي نه چليو. مونکي پڪ آهي ته اوهان جــي ۽ منهنجي جدائي ڪوئي نٿو ڪري سگهي اها طاقت ڪـــال ته پري رهيو پر برهما کي به هـــل نه آهي جــو مون سٽيءَ جي سهاڳ جي ساهه کي هــٿ لائي اوهان فقط اُٿــي دل کي ڏيرج ڏيو ۽ اکيون کوليو، غمگين نه ٿيو من کي مــوڳو نه ڪريو، دکر سڪر سڀي پار ٻــاچڻو جــڏهن ساوتري ايترا واڪ چيا تــه به سٽيوان سجاڳ نه ٿيو. سو هــن حالت کـــي ساوتري

ڏسي ڏاڍو ڏکي ٿيڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي تہ شايد نارد جي چوڻ
موجب ڏکيو ڏهاڙو اچي ويو .

(ٻچن راڳ پهلو ٣٦)

ڏل . مون لاءِ اچي ويو ڏکن جو ڏهاڙو تو بن اڱڻ ۾ ڏسان ٿي اجاڙو
١ – هيءَ هيءَ جهنگل ۾ مان آهيان اڪيلي سگهي نہ ساٿي ڏاٿهن نہ ٻيلي
کنهن جي اڳيان مان ڪيان روڄ راڙو
٢ – ڏاڍو موکي ڪرڻ ڏهاڳڻ – جيڏري جيڏين ۾ ڪري نہ اياڳڻ
تنهن کان قتل ڪريو وهائي ڪهاڙو
٣ – سس سهرو جي سڳندم سوامي سڳندي سام ڇڏيندم سوامي
تن جي دلين کي لڳي ويندو ڏاڙو
٤ – معافي ڏي ٻهلاج مٺا تون ڏکن ڏليا جا ڏاڍا ڏنا مون
عيبن موکي ڪيو آ آکاڙو

هن طرح ساوتري ورلاپ ڪرڻ لڳي ۽ دل ۾ ڌڪڻ لڳي تہ هاءِ شايد نارد جو وچن سچو ٿي ويو ۽ منهنجي ڀتور تا ڏرم جو ورت پڄي پيو . هي ڪرتا رهاڻي ڇا ڪريان جي پتيءَ پٺيان ٿي جيئان تہ ڏهاڳڻ ٿي ڪوٺجان جي مران ٿي تہ سس سهري جي شيوا ڪير ڪندو جي چکيا ٿي ٿي چڙهان تہ سنسڪار ڪير ڪندو هاڻي ڇا ڪريان مران يا جيئان ٻنهين پاسي منهنجي لاءِ مصيبت جو وقت ٻڌيو آهي اهي ڳڻا ڪندي ڪندي ساوتري بہ ڪنهن مهل بيهوش ٿيو وڃي ڪنهن وقت وڏا واڪا ڪري ستيوان کي سڏ ٿي ڪري پر هن تہ ستيوان تمام بيهوش هو ڇڏڪ منجهس ڀراڻ ٿي ڪونہ پيو ڏسجي ساوتريءَ هيءَ حالت ڏسي ستيوان کي جاڳائڻ جا جوڳا اپاءَ ڪرڻ لڳي ۽ ستيوان جي نبض کي پڪڙي

ڪجھ وقت ڏسندي رهي جڏهن ڏٺائين تہ ستيوان ۾ اجهان ساهہ آهي ۽ بيماري جي حالت ڪري ڳالهائڻ نٿو لڪري ۽ ڪنهن اونهي دکن جي درياهہ ۾ محو آهي تڏهن ساوتري سڏ ڪري ڪنن ۾ ڏاڍي آواز سان چوڻ لڳي تہ سوامي جلد جاڳو ۽ پڏ ايو –

(پيچن راڳ پيلو ٣٧)

ٽل - صاف سٽائي وڃ ايندين نہ ايندين - درشن پنهنجو ڏيندين نہ ڏيندين

١ - تو ٻن منهنجو ڪونهي قبيلو - والي وسيلو ٿيندين نہ ٿيندين

٢ – روئندي روئندي رات وهاڻي - نال نماڻي نيندين نہ نيندين

٣ – هردم تنهنجو جهيان نالو - ٻرير پيالو پيئندين نہ پيئندين

٤ - ڪرنہ پٽي ۽ پهلاج جدائي - سولي سٽائي ڪندين نہ ڪندين

ساوتري جي ايڏن ورلاپن تي ۽ ستيوان ڪو نہ ڪو سجاڳ ٿيو ۽ اٿلو ويو خراب حالت کي رسندو جنهن مان ساوتري جي دل کي سورهن آنہ خطرو پيدا ٿيڻ لڳو ۽ موهہ وچان ستيوان جي ٻت کي هزارين دفعہ هلائڻ لڳي پر ستيوان جو ٻدن چٽڪ وجهي انت ڪال کي رسيو هو ساوتري هن حالت کي ڏسي سمجهيو تہ شايد ستيوان جو سرير شانت ٿي ويو آهي ۽ تہ هڪدم وار ڇوڙي اچي اوچنڪارن ۾ پيئي ۽ وڏا واڪا ڪري پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳي تہ هي سوامي!

(پيچن راڳہ ضلع ٣٨)

ٽل – ٻلي ماري مونکي وجي سا ڙمونکي پرڏهاڳہ نہ توں ڏيکارمونکي
وجي سولئ تي ٻلي چاڙهہ مونکي پرڏهاڳہ نہ توں ڏيکا رمونکي

١ - پيو والي وسيلو ڪونهي ڏٺي مان ڏيڪل ٻن ۽ ڪڙي ڇٽي
ڪر خون خنجر پل مونکي هٽي پر ڏهاڳه نه تون ڏيکار مونکي
٢ - آڏي سس سهرو سورداس متا آن ۽ داسي ۽ هي آداس متا
ڪر جواني پلي منهنجي ناس متا پر ڏهاڳه نه تون ڏيکار مونکي
٣ - ڪر رام نه مونکي اُگهاڙي ڏون ڏي سهاڳه سنڌي اڄ ساڙهي نون
يا مار ڪلهي ۾ کهاڙي تون پر ڏهاڳه نه تون ڏيکار مونکي
٤ - ڀلاڄ اهو ڏي ڏي دان گرو ڪر جيئرو اڄ ستيوان گرو
مونکي باهه اندر پل پار گرو پر ڏهاڳه نه تون ڏيکار مونکي

هن طرح ساوتري زار زار اوڇنگارون ڏيئي ايشور کي اُرداس ڪرڻ لڳي ته پرماتما پلي مونکي ماري ڇڏ پر ڏهاڳڻ ڪير ڪر - اهو داغ منهنجي مستڪ تي نه لڳاءِ جو مان پشورتا آهيان جنهن ڪري يا ته پتي جيئاري ڏي يا منهنجي مرڻ جو ۾ کو اُپاءِ تيار ڪر. هن طرح ساوتري مستانن وانگر من مانيا وچن چوڻ لڳي پر ويچاري کي ڪنهن به طرف کان دلاسي جو آواز ڪو نه پڌڻ ۾ آيو تڏهن وري ستيوان جي نيٽرن ۾ نيٽر اٽڪائي چوڻ لڳي ته هي سوامي پيا ته سيبتي مونکي اياڳڻ سمجهي ڇڏي ويا پر ڪرپا ڪري اوهان مونکي اياڳڻ نه بڻايو وات تي نه ويهاريو اڏ ڪمائي ۾ نه روليو وچ درياهه ۾ نه ٻوڙيو -

(ڀڄن راڳه پهلو ٣٩)

ٽل - سوامي رلائي وچ مونکي نه واهه ۾ ڏو ٻن منهنجو ساهه نه ساهه ۾
١ - منهن نه مٽائي وچ پاڻ پسائي وچ جيءُ نه جلائي وچ ٻره جي باهه ۾
٢ - چوڻ چهائي وچ کهر ۾ کهائي وچ - پڌندي ٻچائي وچ دنگي درياهه ۾
٣ - نيهن نڀائي وچ ناتو نه ڏاهي وچ -

دل نہ اڙائي وڃ منهنجي اوڙاھ ۾
٣- ٻيڙو نہ لاهي وڃ ڀلاج پاڻي وچ ۔
عرض اگهائي وڃ پنهنجي پداھ ۾

هن طرح ساوتري ستيوان کي گود ۾ ڪري ويٺي چنتا ۾ ڪر ڪاڏا تہ هاڻي مان ڇا ڪريان ڪهڙي طرح ستيوان کي سجاڳ ڪريان ڪو حڪيم بہ ڪونهي ۽ نڪا مون وٽ هن وقت دوا موجود آهي اهي انومان ڪندي موڙيا تي ٿي ويٺي ۽ هر هر ستيوان جي نبض کي ڪجهہ هلندو ڏسي سڏ ٿي ڪيا پر ستيوان اڄ پنهنجي حال کان بي حال هو۔ جيئو ٺيڪ منجهس پراڻ هو تہ بہ ديہ جي سڌ پڌ ڪا نہ هيس رڳو اکين مان ٿي آب وهيس ساوتري هن حالت کي ڏسي وري وري سڏ ٿي ڪيا آخر هن ٻوئين ورلاپ ستيوان کي سجاڳ ڪيو ۽ ساوتريءَ ڏي نهاري پاڻيءَ جو اشارو ڪيو۔ ساوتريءَ اشاري کي سمجهي هڪدم ستيوان کي مٿي ۾ ۽ گلي ۾ ٻہ ٽي جل جا ڦرا وڌا جنهن کان پوءِ ستيوان جو گلو ڪجهہ تر ٿيو ۽ ڳالهائڻ جهڙو ٿيو ساوتريءَ جي اکين مان آنسون وهندڙ ڏسي ستيوان ساوتريءَ کي چوڻ لڳو تہ هي پياري ڪنهنجو وس ڪونہ آهي تون هاڻي ڌيرج ڌار منهنجي بچڻ جو آسرو ڪونہ آهي تنهنڪري چنتا ۾ پاڻ کي نہ جلاءِ مان باقي ڪن منٽن جو مهمان آهيان سو پنهنجان پتا ماتا جي شيوا پريرسان ڪجان ۽ منهنجو مدو اڄ سنسار مان پورو ٿيڻ وارو آهي ۔

شعر

بس پياري آسرو اڄ ۔ لاھ مون ستيوان جو
ڪال ڦاڙل ٿو ڪري ۔ ڦطلام منهنجي جان جو

چا ڪريان ڪاڏي وڃان - ڪوس ناهي انسان جو
اوچتو تنهنجي اڳيان - اچ سڏ ٿيو شمشان جو
هاءِ دشمن نا ستو - ڇڪي ٿو جيئڻ مان جوان جو
ڳار ڳوڙها ڪيئن ڪي - ڀاڳو مٺو ڀڳوان جو
ڏي خبر ماتا پتا کي - ڀيرسان ڀلاج تون
جو دنيا مان ٿي ويو - پورو مدو مهمان جو

ستيوان هي ٿي ٿي لفظ چئي وري ٿي اڳئين وانگر شانت ٿي
ويو ۽ اکين کي ڦيرائڻ لڳو ڇاڪ انتڪال وارا آثار پيا نظر اچن.
ساوتري هن حال کي ڏسي تمام غمگين ٿي اوچنگارون ڏيڻ لڳي
۽ چوڻ لڳي پرماتما مون ستيءَ جو ست پڇڻ توکي واجب نه آهي
پنهنجي ڪرمن جو قصور سمجهي وري ٿي ستيوان جي ڳلي ۾ ٻئي
ٻانهون وجهي روئي سڏ ڪري چوڻ لڳي ته هي سوامي اوهان
مونکي نه ڇڏيو.

(پيلو راڳ موٽي ٢٨)

ٽل- جدائيءَ ڄان جيتري جلايون هليو وڃ
چمن سان ڇڪيا تي چڙهايون هليو وڃ
١- سهاڳڻ جي سرتان هي سينگار لاهي
متن سان ڏهاڳڻ بڻايون هليو وڃ
٢- هليا لوڪ ٻڌي جنن تو آندو هو مونکي
تنن لاءِ ٿي ڳڻ ڪٽايون هليو وڃ
٣- وڃان ميهڻ ڪٽي ڪهڙو ڪهڙي ڏي موٽي
انهيءَ کان ڪهاڙو وهايون هليو وڃ
٤- اچايو ڏهاڳڻ تون بڻائجه نه مونکي

تنهن کان ڏڙتيءِ ۾ دٻايون هليو وڃ

٥- پنيان تو ڪندو ڪير سنسڪار منهنجو
فقط مون مٿان ٻاڻ ٻايون هليو وڃ

٦- اها آش پهلاج آهي اندر ۾
وڇوڙي کان واري وسايون هليو وڃ

هن طرح ساوتريءَ ايڪ ٻهه پڇائيندي سورن جي سمنڊ ۾ سمائجي ويئي ۽ ستيوان کي سجاڳ ڪرڻ جا هرطرح حيلا هلائڻ لڳي پر ستيوان جا هاٿي پويان پسا هوا سندس ڳلو ڪال ڪهتي رهيو هو باقي ساهه وڃي لڳي ۾ ڄڙيو هوس تن من جي جنهن کي رلچڪ ماتر بہ خبر ڪانہ هئي سندس ورتي ماتا پتا جي موءِ ۾ مڙو تي رهي هئي ۽ سندس اکين مان زارزار تي جل وهيو جنهن کي اُگهندي ساوتري پنهنجا پلؤ پسائي ڇڏيا هوا ۽ ساوتريءَ جون اکيون وڃي ستيوان جي اکين ۾ اڙيون هيون ۽ ٻنهي ٻوتجڻ کان بند ٿي ويون . ساوتري پنهنجن حيلن هلائڻ کان ڪين ڪهٽايو دل ۾ پڪو اراده ڪيائين تہ جيستائين مان جيئري آهيان تيستائين ستيوان جو ساهه وڃڻ ڪين ڏيندس پنهنجا پراڻ تياڳيندس پر ستيوان کي سجاڳ ڪنديس اهي ٻهه پڇائيندي سوامي سوامي ڪندي ستيوان کي پڪاريندي رهي ۽ مٿان هوا ۽ پاڻي بہ وهندي رهي ستيوان وري اکيون پٽي ساوتريءَ ڏي نهاري هي پويان پہ ئي لفظ چئي مورڇا ٿيڻ لڳو .

شعر

موت منهنجي جي خبر . ني ماءُ کي ڏجان ۽ تون
هت پڏي مون داس ٻاران . هيرين بي پنجان ۽ تون
ويو لڏي ستيوان تن کي . سانت سان چئجان ۽ تون

پلڪ بہ تن کي اڪيلو - ڪينڪي ڇڏجان ۽ تون
رات ڏينهن شيوا تنهين جي - شؤق سان ڪجان ۽ تون
پيءُ امان جي گود ۾ - پياري وجي وهجان ۽ تون
روئندا مون لئہ پيءُ - آنسون اُهي اُگهجان ۽ تون
پسيل سو رو مال منهنجو - خفن تي وجهجان ۽ تون
لاش منهنجيءَ کي کڻي - ڇرتن اڳيان رکجان ۽ تون
پيءُ ماءُ جا چرن ڌوئي - مون مٿان ڇنڊجان ۽ تون
پريم سان ڀلاڄ جان - پوءِ لاش کي کڻجان ۽ تون
چندن جون ڪاٺيون وجهي - چؤ طرف باهہ ڏجان ۽ تون

(پيچرن راڳہ ڀاڳہ ٣٩)

ٽل- لاش منهنجيءَ تي مٿي - ماتا پتا کي آڻجو
گود ۾ کڻي جي ڪري - ڳوڙها مٿان مون ڳاڙجو

١- انت ۾ ماتا پتا جو - بہ نہ درشن ٿيو نصيب
تنهن ڪري ڌوئي چرڻ - چرڻا امرت پيارجو

٢- اوچتو اڄ مؤت منهنجو - ٿي ويو ويران ۾
چندن جي چکيا مٿان - مونکي پياري چاڙهجو

٣- مهر جو ماڻا پتا شل - هٿ گهمائن مون مٿان
اکين جون آنسون وجهي - آتش اندر جي ٺارجو

٤- بس هينئر ڀلاڄ منهنجي - موڪلاڻي تي ٺٺي
لاش گنگا گهاٽ تي - سٽيوان جو اڄ ساڙجو

هن طرح سٽيوان پوڀان ہر تي لفظ چئي هاڻي هڪدم چپ ٿي
ويو سندس ڪنت ڳالهائڻ کان عمر ٿاءُ بند ٿي ويو - اکيون بہ
بيهجي ويون ۽ انتڪال جون اوپاسيون ڏيڻ لڳو - هٿ

پير نڪ ۽ سارا عضوا سيتل ٿي ويا - نبض بہ ٻيهڻ جا سعيا ڪرڻ لڳي - ستيوان جي جڻ موڪلائڻ جي مهل اچي ويئي - سڀ اندت ڪال جا آثار نظر اچڻ لڳا. ستيوان جي هن حالت کي ڏسي ساوتري دجي ويئي ۽ چوڻ لڳي تہ هاڻي ڪير آپدا ۾ مددگار ٿئي. مان ابلا ڪهڙو اُپاءُ ڪريان اهي پہ پڇائي اوچي آواز سان سڏ ڪرڻ لڳي -

(ڀڄن راڳ ٻاگيسري ٤٢)

ٿل - آهي جو موت ڪان منهنجو شير ڇڏائي ڪوئي
اچي ابلا جو اهو عرض اگهائي ڪوئي

١ - ڪري ٿو ڪال ڏسو قهر منهنجي ڪونڌ سان
ڪهاري ڪال ڪان ڏي پير ٻچائي ڪوئي

٢ - ڪوئي قاصد بہ نظر ڪو نہ ٿو اچي مزنکي
وڃي سس سهري کي هي حال سڻائي ڪوئي

٣ - وهي ويو قلم قضا جو ڪو منهنجي ڪرمن ۾
اچي مستڪ تان اهو رنگ مٽائي ڪوئي

٤ - سڻايان ڀلاچ ڪنهنکي ٥ره جون دانهون
ڏسان ٿي چارون طرف ڪو نہ ڪوآهي ڪوئي

هن طرح ساوتريءَ هيڏا ڏسهن هوڏانهن نهاري کهڻائي ورلاپ ڪيا پر ڪيس ڪوئي انسان تہ ٺهيو پر اهڙي اوکيءَ ويل ۾ پکي بہ مددگار نظر ڪو نہ آيس آخر تراس ٿي ستيوان جي نبض ڏٺائين تہ ساهہ هئو ئي ڪو نہ. بس پوءِ تہ ساوتري ستيوان جي سهڻي بدن کي ڏسي هرهر اوچنگارون ڏيئي ورلاپ ڪرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ها پرماتما منهنجي سهاڳ جو مدو خارج ٿي ويو؟ مون

اڀاڳڻ جو ڀاڳ ويندو رهيو - مون سهاڳڻ جو سهاڳ سماڻجي ويو، مونکي وڏوا ٻڌائي ويو ۽ ڏهاڳ جو ڪارو داغ منهنجي مستڪ تي عمر تاءِ لڳائي ڇڏيو. ساهيڙين جي وچ مونکي شرمندو ڪري ويو ماتا پتا جي گود کي خالي ڪري ويندو رهيو. ماتا پتا سوَر داس جي اکين جو تارو، منهنجي پراڻن جو پيارو، ساوتريءَ جو سهارو ويندو رهيو ڇا وري اهو ستيوان آن؟ اڀاڳڻ منهن اکين سان ڪونه ڏسنديس آهي - ملو ڳالهائيندڙ مکار بند اڄ بند ٿي ويو - هي اکيون! اڄ اوهان ڏسڻ ڪان رکجي ويون. هي هٿ پير اڄ اوهان به پنهنجو فرض ڇڏي ڏنو هاءِ هاءِ!! اهڙي طرح ساوتري ورلاپ ڪري روئڻ ۾ لڳي.

(ڀڄن ۱ اڳ ما فجو ٤٣)

ٽل - ڪونه اکين جي اڳيان - اڄ پران پيارو ٿي ڏسان
جنهن بنان ويڳاڻو مان - وطن سارو ٿي ڏسان

۱ - موت تنهنجي ڪي سڏي - سيڪو روئي ٿو زار زار
وطن جي پن پن اندر - ٻه روچ راڙو ٿي ڏسان

۲ - اڄ اداسي ٿي ڏسان - مون تنهنجي محلات کي
ٿي اڏامي خاڪ اونده - ۽ اندارو ٿي ڏسان

۳ - گود ماتا ۽ پتا جي - اڄ وئين خالي ڪري
مان ٻه پنهنجي اکين جو - اڄ ڪونه تارو ٿي ڏسان

۴ - پاپ ڪي ڀالج ڪيڙو - مون وڏو سنسار ۾
جو ڏهاڳڻ ڏيڻ ۾ - مان پاڻ ڪارو ٿي ڏسان

هن طرح ساوتريءَ جي روئڻ ۽ رڙڻ جو انت ڪونه رهيو. ساوتريءَ جي ورلاپن کي ٻڌي پٿران مان ٿي پاڻي وهيو. وطن جي

پڻ پڻ اندر ۾ ٿي " ستيوان " آواز آيو ۽ ٻيا اڪيلي ٻن ۾ ڇا
ڪري ڪنهن کي حال اوري ڏٺين وري پٽي ستيوان جي لاش کي
نهاري ؟ چوي ٿي اڄ منهنجي ست ڪان نارد جو وچن سچو ٿي ويو.
مي پرماتما مون ايڏو ڪهڙو پاپ ڪيو جو اهڙي ڏک جو شڪار
ٿو مونکي ڪٽي جوانيءَ ۾ بڻايو - ٻيا جي ستيوان جي مارڻ ۾ راضي
هئين ته ڀلو ته اڳ منهنجو موت ٿي ڪيئه ها ورنه اڄا تون
اڄ مونکان رسي وئين ؟ هي سوامي توهان ته اڄ مونکان رسي
ويا اڄ سيڪو رسي ويو ائين چئي ورلاپ ٿي ڪري -

شعر

سيکه ڏس سوامي اُٿي - اڄ تون رسڻ ڪنهن کان سکئين
هن اڪيلي ٻن اندر - مونکي ڇڏڻ ڪنهن کان سکئين
جنهن لبن جي لات ٿي - ماڻهو مرون مستان ها
سا وري اڄ لات لب جي - بند ڪرڻ ڪنهن سکئين
نيڻ نرمل ۾ نماڻيءَ - ڏي نهارن ڪين ٿا
نينهن جو ناتو مٽائي مون سان ڇنڻ ڪنهن کان سکئين
دت هٿيالي سان ٻڌي - اقرار نامون تو ڪيو
سو ايا من جو عهد - هٿ نر ڀڃڻ ڪنهن کان سکئين
يا پسائيج پاڻ تون - يا ڪر ڪهاڙيءَ سان قتل
ڦر جي ڪاتيءَ سان - مونکي ڪهڻ ڪنهن کان سکئين
ياد ڪر ڀلاج پيارا - پريم سان پيغام تون
جاڳ تون جلدي اُٿي - ايڏو سمهڻ ڪنهن کان سکئين

(ڀڄن راڳ ڀيلو ٢٢)

ڏل - آهي ڪو ڀيٽيءَ سان چڪيا ٿي چڙهائي - جهڙي ستيءَ کي ڀيٽيءَ سان جلائي
ا - گل ڦل خوب خوشيءَ سان ڪرن ٿا - تور پنهنجيءَ ۾ تنور تڪن ٿا

رام فقط ٿو مونکي رڙائي

٢ - وليون وڻن سان وهنديون ڏسان ٿي-
نديون سمنڊ سان سوهنديون ڏسان ٿي
باقي ڏهاڳڻ ٿو مونکي بڻائي

٣ - انهيءَ جيئڻ کان مرڻ ڀلو آهه - گڏجي پتيءَ سان سڙڻ ڀلو آهه
آهي ڪو ڪهاڙو گلي تي وهائي

٤ - پراڻ ڀلاج نه رهندم هاڻي - ڏکيو ڏهاڳ نه ڏسندم هاڻي
لنبا اگن جو ڪو آڻي لڳائي

هن طرح ساوتري ستيوان جو مرتيو ڏسي زار زار روئڻ ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي ۽ اندر ۾ ايڪ اُڌماد ڪري ٻه پڇائڻ لڳي ساوتريءَ جي اکين اڳيان اندارو اچي ويو ۽ سندس اندر ۾ سورداس سس سهري جي تصوير ڦرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته مان هاڻي دنيا ۾ ڪهڙو منهن کڻي گهمنديس - ڀلا هتان وڃي سس سهري کي ڇا چونديس جي چونديس ته اوهان جو نوجوان پٽ هن فاني دنيا مان فوت ٿي ويو ته هو سمجهندا ته شايد ساوتري ستيوان جو گهات ڪري آئي آهي - ڀلا جي ائين به نه سمجهن ته به ايترو ته چوندا ته تون پٽي ماري جيٽري ڪٽن موٽي آئي آهين ڀلا جي ائين به نه چون ته به ستيوان جي مرڻ جي خبر پڌي ٿي پيا پنهنجا پراڻ ته ضرور تياڳي ڪندا - پوءِ ته تنهين جي موت جو ڪارڻ ۽ پاپ جي پاڳڻ آنءُ ٿينديس. هن طرح ساوتري ٻه پڇائيندي هر هر بيهوش ٿي ٿي ويئي وري اُٿي اوچنگارون ڏيئي روئي ٿي چوڻ لڳي ته هي پرماتما دنيا ۾ منهن مٿي ڪري ڪٿن گهمنديس -

شعر

تو بنان سنسار ۾ منهن - ڪنهن طرح ڪٽندم مٺا
رات ڏينهن تنهنجي وڇوڙي - ۾ بيٺي روئندم مٺا
ڊوڙ پائي پرديسان - سس سهرو جي ڀڄندم مٺا
ويو مري سيوان هي مان - ڪٿن اڪر ڇوندم مٺا
مؤت تنهنجي جي خبر - ٿي جڏهن سڻندم مٺا
ساهه تنهنجي ساهه ۾ - سس سهرو ٻہ ڏيندم مٺا
ڪٿن اڪيلي اڱڻ ۾ - مان رات ڏينهن رهندم مٺا
منهن ڪٽي پوءِ ملڪ ۾ - ڪهڙي طرح گهمندم مٺا
تنهن ڪري ڀلاڄ موٽڻ - ڪان آئي مرندم مٺا
يا تہ ڏينديس ٻاڻ - يا ڇڪيا مٺان ڇڙهندم مٺا

ساوتري هن طرح من ۾ اينڪ آدماد ڪندي رهي - سخت سوز ۾ سمائجي ٿي ويٺي ڪيس دلجاءِ ڏيڻ وارو ڪوئي ڀي ڪونہ رهيو، نڪو نسون اگهڻ وارو، نڪو سچاڳہ ڪرڻ وارو، نڪو پاڻي پيارڻ وارو، نڪو پنيان پيغام پهچائڻ وارو، سو اڪيلي ٿي پاڻيهي ٿي رنائين تہ پاڻهي ٿي آنسون اگهيائين، پاڻهي ٿي ڳايائين تہ پاڻهي ٿي ٿاهيائين - هن حالت ۾ اچي ٤ اڳين ڏينهن کي ياد ڪري هر هر ٿي لڙڪ آڻي ورلاپ ڪيائين -

(ڀڄن راڳہ ڀيروي ٣٥)

ٿل- ڀاوي ٻڙي ٻلوان - ڀاوي تنهنجو انت نہ پاتو مون
١- ڪنهن ڏينهن هئي ڏارا راڻي - ڪنهن ڏينهن ڀريائين ٿي پاڻي
هوڏانهن هرشچندر رهيو مساڻي- هيڏانهن روهت مئو نوجوان- ڀاوي

٢- ڪنهن ڏينهن ڏٺي سيتان راڻي - ڪنهن ڏينهن ٻڌي جوڳياڻي
هوڏا نهن رام رهڻ ڏي آماڻي - هيڏا نهن سيتان راوڻ ساڻ - پاوي
٣- ڪنهن ڏينهن ڏٺي مان راڻي - اڄ ٻن ٻن ڦران آباڻي
هوڏا نهن سهرو سسڙي نماڻي - هيڏا نهن ساهه ڏنو سٿيوان - پاوي
٤- ڦلاڄ ڏي پاوي آهي - ڪي سارو ڏاڄ لڇائي
ڪي ڏاهي ڪي ڊاهي - ڪي ماري منهنجي مساڻ - پاوي

هن طرح ساوتري رڙي رڙي حال ڪان ٻي حال ٿي ويئي جنهن کي پنهنجي تن بدن جي سڌ ٻڌ به ڪانه رهي بيهوش ٿي پٽ تي پئجي رهي. هو آئي دڪري پيئي، هو ساوتري ستيوان جا هڙ پيئي چميس، هو چئي پيئي ته هاء مان وڌوا ٿي ويس - وڌو استري جو جيئڻ نرڪ جي مثل آهي، جو وڌوا استريءَ کي پئي هي وڇوڙي جو دک، پيو مٽن مائٽن جون مشڪلاتون جهڪ ڏائڻ هي مثل ٿي ڪيس گهر ۾ رهڻو ٿو پوي، انهيءَ دک سهڻ کان پاڻ کي ماري ڇڏڻ چڱو آهي - پر وڌوا ٿي دنيا ۾ جيئڻ ڏکيو آهي - وڌر کي سارو سينگار لاهڻو پوي، پٽ تي سمهڻو پوي، غير مرد جو اک جو ڪڪر ٻڌڻو پوي، گهر جي ڏير ڏيرانين اڳيان هر وقت سر جهڪائڻو پوي - دنيا ۾ دکن ۾ وڏو دک جيڪڏهن آهي ته وڌوا پڻي جو آهي -

(ڀجن راڳ ڀيروي ٣٦)

ٿل- وڌوا ٿي جڳ ۾ جيئڻ کان - مرڻو ڀلو آ ڀينر
جيتري جدا ٿيڻ کان - جرڻو ڀلو آ ڀينر
١- وڌوا پڻو آ جنهنکي - گهر ۾ وٺي نه ڪنهنکي
جيتري جهڪيا ٿي تنهنکي - جرهڻو ڀلو آ ڀينر

٢- مالڪ مري ويو جنهنجو - جيئڻ ٿيو زهر تنهنجو
تنهن کان سنهي ٿي سهنجو - سڙڻو پلو آ پينر
٣- ڀلاج وڏوا ڌاري - آهي سدا اُگهاري
تنهن کان ڪنيا ڪنواري - رهڻو پلو آ پينر

هن طرح جا انيڪ دل ۾ خيال ڪندي ڪندي ساوتري، جي سنڌس جو انت ڪونه رهيو - ستيوان جي جان ڪانسواءِ سندس وات ۾ ٻي وائي ڪانه هئي - روئڻ رڙڻ سندس ڪرتي رهيو هو - هاڻي ويچار ڪرڻ لڳي ته سوامي جو سرير ته سانت ٿي ويو، ٻيو مان پنهنجي لاءِ ڪهڙو يتن ڪريان، ڇکيا تي چڙهي سٽي ٿيان يا جيئري موتي وڃي سس سهري جي شيوا ڪريان يا هي قاتل ڪهاڙو ڪٽي پاڻ کي قتل ڪريان، ڪريان سو ڪريان ڇا - ايهي قرنا ڪندي آخر پڪو پهه ڪيائين ته هن جيئڻ کان، ڌياڻي جي ڏکس سهڻ کان، هن ڪهاڙي سان پاڻ کي قتل ڪرڻ چڱو آهي - سو ائين ساوتري هٿ ۾ ڪهاڙو ڪنيو، پنهنجي ڳلي تي وهائڻ لڳي، پر وري جهلي خيال ڪيائين ته سوامي به مري ويو مان به مري وڃان پوءِ سس سهري کي خبر ڪير پهچائيندو سو ايهو خيال ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ته اگهر سس سهري کي پنهنجي ۽ پتيءَ جي مرڻ جو ڏيان پو موڪليان پر ڪيس ڪوئي به واتهڙو نظر ڪونه آيس - آخر متي نظر ڪري ته ڏڪڙو ڪان ڊ ويٺو آهي سو اُنکي سڏ ڪري ساوتري چوڻ لڳي -

(ڀڄن راڳ پيلو ٣٧)

ٿل- ڪانگل تون سس کي چئجانءِ - ٻئي لوڪ مان لاڏي ويا
محلات ملڪ ماڙيون - خود شهر کي ڇڏي ويا

١- سس سهري کي اُماڪ - نياپو ڏجانءِ نازڪ
جڏهن اچ اچانڪ - سڀني کي سڏي ويا

٢- سس کي تون چئج وڃي - سڀ ڪي سٺي ٻه ويٺي
ٻڌي چڪيا ني پيٽي - گل سان گلو گڏي ويا

٣- هي اٿيئي منجهي نيشاني - سس کي ڏجانءِ جاني
جنجهان ۽ ونئي زباني - رڙندا ئي راهه ڏي ويا

٤- ڀلاڄ هي ڀڄائي - نياپو ڏجانءِ ناهي
نوجوان پتي نيائي - جن جي ڏوار ڏي ويا

هن طرح ساوتري ڪانگل کي نياپو ڏيئي ڪهاڙو کڻي پنهنجي
ڳلي تي هڻڻ لاءِ تياري ڪئي ته ايتري ۾ ڪال ڀڳوان اڪل
روپ ۾ اچي ساوتريءَ جي ڪهاڙي وارو هٿ جهلي ورتو ۽ آڪاس
واڻيءَ جي نموني ۾ چوڻ لڳو ته هي ساوتري تون ڏاڍو پاپ ٿي
ڪرين جو آپ گهات ٿي ڪرين، تنهنجي جيئڻ جا اڃان گهڻا
ڏينهن پيا آهن تنهنڪري تون پاڻکي قدرت جي اَبتو نه هلاءِ،
باقي ستيوان جي عمر پوري ٿي چڪي هئي جنهنڪري موت ٿي ويو
سو ڪنهن به جي نٿو سگهي - عمر پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪوئي به
انسان موت کان بچي نٿو سگهي، راجا هجي چاهي رنڪ هجي،
سڌ هجي چاهي سنت هجي، تنهنڪري تون ويڪ کان ڪم وٺ
۽ ايشور جي رضا تي راضي رهه، جنهن مان تنهنجو ڀلو ٿيندو -

(ڀڄن راڳ تلنگ ٣٨)

ٽل- هريءَ جا رنگ ڏسي هردم - هسڻ گهرجي هسڻ گهرجي
پسارو هي پتنگ وانگي - پسڻ گهرجي پسڻ گهرجي

١ – هرشچندر جو ڪڏهن راجا. وڪاڻو اڄ مسائي وٽ
ڏسي هي ڪيل خاوند جو. ڪارڻ ڪهڙي ڪارڻ ڪهڙي
٢ – ڇڏيو ڪلهه ڪهوٽ گهوڙي تي. هينئر ڇڪيا مٿان ڇڙهندو
ڏسي هي رام جو لاڏڪ. نچڻ ڪهڙي نچڻ ڪهڙي
٣ – ڀلي ٻڪ ڏئي ڀلي دکر ڏئي. ڀلي ڏئي منهن مصيبت ۾
ايها ٻر مهر مالڪ جي. مڇڻ ڪهڙي مڇڻ ڪهڙي
٤ – ڪڏهن مان ملڪ جو والي. هينئر لاچار روئي لڙهه
ايها ٻر موج مالڪ جي. ڏسڻ ڪهڙي ڏسڻ ڪهڙي
٥ – پڪو ڀلاج جان ڏاڍي. ڪيو تن من بدن سارو
پريڪيا پريم وارن کي. ڏيڻ ڪهڙي ڏيڻ ڪهڙي

ساوتري هي اوچتو آواز ٻڌي ڇڪي ٻڪي ٿي ويئي؛ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي ته ڏي ڪير آهي جو مون مٿان ڪي وري وري مارڻ ٿو چاهي؛ منهنجن ٻڪن ڦٽن تي لوڻ ٿو لڳائڻ چاهي، ستيوان جي سوز ۾ ستائڻ ٿو چاهي. ڪو ڀوت آهي، ڪو پريت آهي يا ڪو ديو ديوتا آهي، ڀلا جيڪو ٻر آهي، ظاهر ڇو نه ٿو ٿئي – ڇا مون ستيءَ جي جوالا ۾ جلڻ کان ٿو خوف کائي ڇا؟ يا ڇو رڳي منهنجي پٺيءَ کي وٺي وڃڻ ٿو چاهي، يا مونکي پنهنجي ڌرم ڌان هٽائڻ ٿو چاهي – جيڪا سنڌس من جي مراد هجي سا ڇو نه ٿو ظاهر ڪري مونکي ٻڌائي، ڇو مون ڏکايل جي دل ڏکائي ٿو.

(ڀڄن راڳ ضلع ٣٩)

ٿل – آهي هي ڪير ڏکايل جي دل ڏکائي ٿو
مونکي ستيوان جي ڇو سوز ۾ ستائي ٿو

١ - اڳيئي جوش جدائيءَ ۾ چلان وئي
وري هي ڪير مثل باھ کي مچائي ٿو
٢ - اڳيئي فراق پٺيءَ جي ۾ مان قتيل آهيان
مٿان هي ڪير وري لوڻ مرچ لائي ٿو
٣ - ڪڏهن ٿي پا رٻيءَ جي رسيلي راڳن ۾
پلا ٻي وقتي هي چو راڳڻي سڻائي ٿو
٤ - مونکي پهاج ڏهاڳڻ ڏکيو ٻڻائڻ ڪان
چکيا ٿي چو نہ پٺيءَ سان ڪڏي چڙهائي ٿو

ساوتريءَ جي هن وره پيڙل ورلاپن کي ٻڌي ڪال پڳوان ظاهر ٿي ڪري ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته هي ماتا مان ڪال آهيان جو سڀني کي مدي پهچاڻان ماريندو آهيان - راجا هجي تہ وڙي رنڪ هجي ڪنهنجو بہ پراڻ ڪڍو تہ چڏيندو آهيان ، ڇا هي ڪو ڪروڙين يتن ڪري تہ بہ وقت پوري ٿئي کانپوءِ سڀ کي جم لوڪ روانو ڪندو آهيان ، تو شايد منهنجو نالو ڪو نہ ٻڌو آهي ڇا ؟ توکي ناره جو ٻڌايو هيو سو آهو مان ڪال آهيان -

شعر

موت ماڻهن جي مٿان - پل پل ٿو پڪاري پيو
ٿهر جون ڪوڪان ڪري - هردم ٿو ڪوڪاري پيو
ڪي مڱيا ماري چڏيائين - ڪي اجان ماري پيو
ڪي چڏيائين خان ڪاري - ڪ اجان ڪاري پيو
ڪي چکيا تي ويا چڙهي - ۽ ڪي اجان چاڙهي پيو
ڪي سڙي سهڻا ويا - ڪي اجان ساڙي پيو

ڪي جلي جوڳا ويا - ڪي اڄان جاري پيو
ڪي روئن ٿا رت ڦوا - ۽ ڪي اڄان روڄاري پيو

هي ساوتري مان آهو ڪال ظالم آهيان جو ٻين سڀني ڪي اُماڻي ماڻي تنهنجي پتيءَ جا پراڻ وٺڻ آيو آهيان - هنجي عمر پوري ٿي ويئي، توکي ڌاره اڳيئي پڌايو هو- تون اڄايو ٿي شوڪ ڪرين ۽ پاڻ کي مارين، تنهنجي مرڻ ۽ روئڻ ڪري ڪو ستيوان جيئرو ڪونه ٿي پوندو - هي سنسار جو چڪر آهي، ڪي هليا ڪي هلندا، ڪوئي به ڪو نہ ڪو رهندو، تنهنڪري موه ڇڏي ڏي وڃي سس سهري سورداس جي شيوا ڪر، ستيوان جي لاش جو سنسڪار ڪر- پنهنجو آتم گهات نہ ڪر، اڄان تنهنجي عمر جو مدو پورو ڪونہ ٿيو آهي، جڏهن تنهنجو مدو پورو ٿيندو آهي اُنهن کي پل به رهڻ ڪو نہ ڏيندو آهيان - هي سنسار مسافرخانو آهي، هر ڪو هتي مهمان آهي، گهڻا ڏينهن ڪوئي به نتو رهي سگهي -

(پيلو راڳ پيلو ٥٠)

ٿل - هر ڪو مهمان هتي - ڏينهڙا ٻه چار آهه
سڀ جو سامان هتي - ڏينهڙا ٻه چار آهه
١ - وڏڙو سلطان سارو - راون ۽ ڪنس ڪارو
تنهنجو به پراڻ پيارو - ڏينهڙا ٻه چار آهه
٢ - هي آ سنسار فاني - رهندو نہ خان خاني
تنهنجو به جوان جاني - ڏينهڙا ٻه چار آهه
٣ - هليا ويا تخت والي - ڪري محلات خالي
تنهنجي به لال لالي - ڏينهڙا ٻه چار آهه

٣ - ٻولي ٻـهلاج ٻاڻي - رهندو ڏ را جا راڻي
تنهنجو ٻه ڏاڍو ٻاڻي - ڏيندو ٻه چار آهه

ساوتري ڪال پکوان جا ايهي وچن ٻڌي هڪي ٻڪي ٿي ويئي ۽ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي ۽ دل ڌڙڪڻ لڳي ، اکين اڳيان انڌارو اچي ويس ڪيڙو ٻه ڄڻ ٻند ٿي ويس ، ڪال جي خوف ۾ بيحال ٿي ويئي ، ٻوري ٻه ڌيرج ڌاري ڪال کي چوڻ لڳي ته سچ پچ توں جيئين چئين ٿو تيئين ٿهار آهين - برابر تنهنجي ظالم پٽي جا آثار تنهنجي شڪل مان پيا ڏسڻ ۾ اچن - چڱو توں ڪر ظلم ، مار منهنجي پتيءَ کي ، مونکي ڏاڍو بڻا ۽ ايهو ڪارو داغ پنهنجي مستڪ تي لڳاءِ ۽ پنهنجي پيشانيءَ جو دخل منهنجي مٿان جماءِ ۽ مون ستيءَ جي ست سان پنهنجو زور آزماءِ پر منهنجي پتيءَ جا پراڻ پوءِ وٺي وڃ - اڳ هي ڪهاڙو اتيئي انهيءَ سان مونکي قتل ڪري پوءِ منهنجا ۽ سواميءَ جا پراڻ گڏي وٺي وڃ اڳو پوءِ ايهو ٻه پاپ هٿن سان ڪر -

(پيتن ۽ اڳ سورٺ ٥١)

ٽل - مار ٻلي جان مار - ظالم مار ٻلي جان مار

١ - هان اتي وٽ هي ڦيري ڪهاڙو - قتل ڪر منهنجو جسم سارو
پر ڏهاڳڻ نه توں ڏيکار - ظالم ....

٢ - جيڪري پتيءَ جي ڏي نه جدائي - موٽي ڪلندي خلق خدائي
تنهن ڪان چکياڻي چاڙهه - ظالم ....

٣ - ٻس سهرو جي ٻڌندم ٻيئي - ڇا تنڪي مان چوندم ويهي
تن اهو باهه نه پار - ظالم ....

٤- پڇو رتا پهلاج مان آهيان - ڳڻ پڇيءِ سان مرڻ تي چاهيان
ڪرڻ ڏڪيءَ ڪان ڏار - ظالم ....

ساوتريءَ چاهي زهردار لفظ ٻڌي ڪال ڀڳوان ڏاڍو غصي ۾ ڀرجي ويو ۽ ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته هي نينگري تون ته بلڪل هنيلي تي ڏسجين، جو چا منهجان چا بڪي رهين آهين توکي قدرت جي قانون جي خبر نه آهي ۽ منهنجي ڪارروائيءَ مان غيرواقف آهين، جو منهنجي ڪارروائيءَ ۾ برهما کي به طاقت نه آهي جو دخل ڪري، سو تون اجايو پيٽي پاڻ کي پريشان ڪرين ۽ ٻلوان پيٽي سڏائين، ڪال ڪان وڌيڪ دنيا ۾ ٻيو ڪوئي ٻلوان ڪونهي جنهن ڪان راڻوڻ جهڙا ٻلوان به هار کائي ويا - سو اُن تڪبر کي ڇڏي وڃي سس سهري جي شيوا ڪر ۽ ستيوان جي لاش کي دفناءِ، پنهنجي ڪيل ڪرم تي راضي رهي ساري حياتي ڏهاڳ ۾ نه گذار - هينئر تنهنجي وات جي لهار مان ڪجهه به ڪونه ٿيندو، وڃ ايشور جي رضا تي راضي رهه ۽ منهنجي ڪم ۾ دخل نه ڏي -

(پيجن راڳ پيلو ٢٩)

ٿل- هر ڪنهن کي هن رضا تي رهڻو ضرور آهه
سڪ دک دنيا جو سر تي سهڻو ضرور آهه

١- ڌن مال ڏني ديهه هريشچندر دان ۾
قربان ڪنب پريم تان ڪرڻو ضرور آهه

٢- ڌس مورڏج ڪتايو پاڻ ڌرم واسطي
آخر هي جيءُ خاڪ ۾ رلڻو ضرور آهه

٣- ٻل راج ڪچي راج ڏنو دان رام کي
هڪ ڌرم پرلوڪ ۾ ملڻو ضرور آهه

٣ـ ڀلاچ مٿان مهر پرماتما ڪئي
جو ٻٽيو آپاڻو ڏٽو ضرور آهه

ڪالُ ڀڳوان جا ايهي واڪ هُئا ساوتريءَ کيس چوڻ لڳي ته مهرباني ڪري مونکي ايهي ٻه ور ڏيو سُرا ٽهرا راڳ نه هُئا - جيڪڏهن منهنجو ڀلو چاهين ته پيا ستيوان جيئاري ڏي يا مونکي به هن ڪاڙيءَ سان قتل ڪري ڇڏي جو ساهه ساڻ وٺي وڃ - باقي ايهي لوڙ مٿل وچن منهنجي ڪن ڦٽن تي نه لاءِ پيل پنهنجو زور هلاءِ مان پنهنجو پت ڌرم جو تي زور هلايان، تون پنهنجي قدرت جو زور هلاءِ ڏسان ته ڪير ڏاڍو - باقي ايهي گيان گيانين کي هُئاءِ، ڌيان ڌيانين کي هُئاءِ، جوڳ جوڳين کي هُئاءِ، ويراڳ ويراڳين کي هُئاءِ، منهنجي واسطي نه گيان آهي نه ڌيان آهي نه جپ آهي نه تپ آهي، جيڪڏهن آهي ته ڪڙو ستيوان جو ساهه ئي منهنجي لاءِ سرمور آهي، جيڪڏهن مونکي ڪُهي ته سوامي جيئرو ڪُهي، گيان ڌيان ڪونه کپي -

(ڀڄن راڳ ٽوڏي ٣٥)

ٽل- نڪو گيان کپي نڪو ڌيان کپي - مونکي مالڪ جو جيئڻ ان کپي
نڪو مان کپي نڪو شان کپي - سرمور مونکي ستيوان کپي
١ـ ڪر رحم مون اٻلا تان مٿان - ايڏو ڦهر نه ڪر ڪرتار مٿان
لاهيو پير منهنجي پرتار مٿان - مونکي سهاڳ سندو سامان کپي
٢ـ نڪو هار گهران نه سينگار گهران - نڪو جوانيءَ جو جنسار گهران
رکو ٻانهن پڪڙي پرتار گهران - مون داسيءَ کي هي دان کپي
٣ـ ڀلاچ براڻن پيارو ڏي - منهنجي نيڻن جو تون تارو ڏي
ماءُ پيءُ جو جيءُ جيارو ڏي - هيءُ ڪالُ تنهنجو احسان کپي

ساوتريءَ جا اهي بيپرواهه وچن ٻڌي ڪال ڏاڍو غصي ۾ ڀرجي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته مان اڄ ڏينهن سوڌو ڪيترن استرين جا مرد ماريا آهن پر هن ساوتريءَ جهڙو معاملو اڄ ڏينهن سوڌو ڪنهن به ڪونه ڪيو آهي، الائي ڪارڻ ڪهڙو. هن ڳالهه کي آزمائي ته ڏسجي ته قدرت جي قانون ڪان مٿي ڪا طاقت واري وسٿو آهي يا نه. ائو ويچار ڪري ڪال ڀڳوان ستيوان جو ساهه ڪڍي ساڻ کڻي اُتي پرلوڪ ڏي هليو، ۽ ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته هي نينگري مان تنهنجي پتيءَ جو پراڻ ڪڍي ٿو وڃان هاڻي باقي هي مڙهه پيو اٿيئي ويٺي اُنجي مٿان ورلاپ ڪر ۽ زور آزماءِ. ساوتري ڪال جا اهي واڪ ٻڌي وياڪل ٿيڻ لڳي ۽ ستيوان جي لاش کي ڇڏي ڪال جي پٺيان اُٿي روئندي هلي زار زار اکين مان ڳوڙها ڳاريندي وارڪولي ڪري ورهه جا ورلاپ ڪندي لڇندي ڏڪندي هلي. هر هر وات تي بيهوش ٿي ڪريو پوي، وري سجاڳ ٿي هلي ۽ چوندي وڃي ته هي ڪال ڀڳوان ائين نه ڪر مونکي ڏهاڳڻ نه بڻائي وڃ.

(پيهن راڳ ڀاڳ ۵۴)

ٿل- منهنجي اُميدن جو ڏيئو - اڄ نا وسائي وڃ هليو
مون سهاڳڻ کي ڏهاڳڻ - نا بڻائي وڃ هليو
۱- پره جي تون باهه ڪان - اڄ چاڙهه چکيا تي کڻي
جيئري تون جان منهنجيءَ - کي جلائي وڃ هليو
۲- گل برابر گهوٽ منهنجو - باغ مان چن ڪينڪي
باغ يار رت کي برو - تون نا بڻائي وڃ هليو
۳- پيءُ ماءُ جي گود خالي - ڪال قاتل ڪين ڪر
ڪر قتل تنهن ڪان پتي کي - رت وڌائي وڃ هليو

۴- ٻاجھ ڪر ٻھلاج ٻانھيءَ - تي ڏٺيءَ جي واسطي
سر مٿان سھاڳ جي - ساڙھي نہ لاھي وچ ھليو

ھن طرح ساوتري روئندي روئندي ڪال ڀڳوان جي پٺيان ھلي - ڪال ڀڳوان پٺيان ساوتريءَ کي ايندو ڏسي چوڻ لڳو تہ ھي ڪيتري ڏور تمام ھليلي ٿي ڏسجين - ٽوکي خبر نہ آھي جو سرڳ لوڪ ۽ مرت لوڪ جي ماڻھن کي اچڻ جي منع آھي پوءِ تون ھٺ ڪري پٺيان پيئي اچين ۽ انيڪ رستي جا ڏکڙ ڏاکڙا پيئي اجايو سھارن ڪرين - انھيءَ تنھنجي ھٺ مان ڪجھہ بہ ڪين ورندو، چاھي لکين اُپاءُ ڪرين - ستيوان توکي موٽي ڪونہ ملندو، تون اجايو ٻاڻ کي ايشور جي ٻاڻي کان ڀيڻگر ٿي ڪرين ۽ پنھنجو ٻاڻ کي لاچار ٿي ڪرين تنھن ڪري منھنجي مرضي آھي تہ مھرباني ڪري اتان ئي موٽي وڃ تہ بھتر آھي - وڃي ستيوان جو ڪريا ڪرم ڪر، تو بنان اُن جو ڪريا ڪرم ڪير ڪندو - سندس لاش کي پکي کائي ويندا ۽ وڃي سس سھري کي خبر ڏِيءَ ، جن کي اڄ ڏينھن گذري ويو آھي پيا واٽ نھاريندا ھوندا تہ ساوتري ۽ ستيوان ڪيڏانھن ويا - جي تون نہ ويندينءَ تہ ھنن سورداسن کي تڪليف ڪرڻي پوندي ، تنھنڪري موٽي وڃ ، اڄ ٻاڻ ڪيءَ ستيوان کان جدا ٿي وڃي گھر ۾ گذار - ڪال ڀڳوان جا ايھي وچن ٻڌي ساوتري چوڻ لڳي تہ ھي مھراج توھين موڪي سچ ٿا چئو پر منھنجي لاءِ ايھو سڀ ڪجھہ آھي - مان جدا ڪونہ ٿي سگھنديس ، جتي سوامي ھوندو اُتي مان بہ ھونديس ، منھنجو فرض آھي متي جيتري ھٿيءَ سان گڏ رھڻ پر جدا ٿيڻ منھنجو ڌرم نہ آھي - جيئن سڳنڌ گل کان جدا نہ ٿيندي تيئن ساوتري بہ ستيوان کان جدا نہ ٿيندي -

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٥٥)

ٿل - سکيوان ڪان سهڻي ۾ - داسي جدا نه ٿيندي
يا ته ڇڪيا تي چڙهندي - يا سيکهه ساهه ڏيندي
١ - گل سان رهي ٿي گڏجي - سڳندي ڇڻن ساڻ هردم
سکيوان سان تن گڏجي - گولي ٻه ساڻ ويندي
٢ - چنڊ مان وڃي نه چمڪو - هيرو ڇڏي نه دمڪو
پڊورتا ٻه پڳي سان - پرلوڪ ساڻ ويندي
٣ - پهلاج پريم وارا - جيڏري جدا نه ٿيندا
تن دار پنهنجي نرڪي - هر وقت ساڻ نيندي

ساوتري جا هي واڪ ٻڌي ڪال ڀڳوان سوچ ۾ پئجي ويو ؛ دل ۾ چوٽ لڳو ته مان هن نئين نموني کي سمجهي نٿو سگهان جو هيءَ استري ايڏو هٺ ڪهڙي طاقت تي ڪري رهي آهي - ڀلا ان جي واسطي آءٌ ڪهڙو اُپاءُ ڪريان ، جي هٿ ڏو لاهيان ته پاپي ٿو بڻجان ، جي موڙايان ٿو ته موتي ڪين ٿي ، جي ساڻ ٿو وٺي وڃان ته هن مرت لوڪ جي ماڻهن کي سرڳ لوڪ ۾ وڃڻ جي طاقت نه آهي ، تنهنڪري ڪال ڀڳوان اونهي خيال ۾ پئجي ويو - آخر سوچ ڪري ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته نينگري تون ايڏو هٺ نه ڪر ، موتي وڃ جيڪي تون چاهين ٿي اُها اُميد تنهنجي ڪا نه ڪا پوري ٿيندي ، ڪارڻ جو مٿا ڪڏهن جيڏرا ڪو نه ٿيندا ، جيترا ڪڏهن سرڳ لوڪ ۾ ڪو نه هلندا ، تنهنڪري تون موٽي وڃ ، قدرت کي ڪوئي ڦيرائي نٿو سگهي - ساوتري ڪال ڀڳوان جا ايهي واڪ ٻڌي چوڻ لڳي ته دنيا ۾ هر ڪنهن قسم جون شڪتيون آهن ، جي قدرت جي قاعدي کي ۽ تنهنجي طاقت کي ڍاهي سگهن ٿيون ، ۽ پنهنجو اثر ڄمائي سگهن ٿيون ·

(پيلون راڳ ضلع ٥٦)

ٽل - منهنجي ۽ پنهنجي ڏل کي - ڀل ڪال آزمايو
سچ جو ۽ ڪوڙ جو ڀل - احوال آزمايو
١ - پت ڏرم جي برابر - شڪتي نه ڀي دنيا ۾
سوني ۽ پتل جو ڀل - اقبال آزمايو
٢ - سچ کي ڪندو نه ڪوئي - قتلام قهر وارو
ڀالو بندوق نيزو - ڀل ڍال آزمايو
٣ - سيتا ڄ جو شان شاهي - راونڻ سگهيو نه ڍاهي
راونڻ مثل اوهان ڀي - ڀل خيال آزمايو
٤ - ڀلاچ پريم وارا - قدرت ڪان ڪين ڪبندا
پنهنجي سيتي طاقت - فلحال آزمايو

ساوتريءَ جا هي زهردار وچن ٻڌي ڪال ڀڳوان غصي ۾ ڀرجي
چوڻ لڳو هي نينگري تون ڇڪين ڇا ٿي، ڇا موڪان وڏيڪ تو ۾ طاقت
آهي ته چو نه ٿي پرگٽ ڪرين، لڪائي ڇو رکي اٿيئي، جنهن ۾
طاقت ٿيندي آهي سو وات جي لپار نه هڻندو آهي ڪجهه ڪري
ڏيکاريندو آهي، تون اڃا پنهنجي زناني هٺ جي اندر ڳالهائي
رهي آهين، مگر منهنجي طاقت جي اڃان توکي خبر ڪا نه پيئي
آهي جو منهنجي حڪم اندر ڪيترا نه وڏا وڏا ماڻهو هتان
هليا ويا -

شعر

منهنجي آڳيا ۾ هتان - ڪيترا نه زوراور هليا
مال مالڪيت کي ڇڏي - روئندا هتان رهبر هليا

ججھ ھليا ڊپٽي ھليا - ۽ سول جا آفيسر ھليا
سرشتي منشي اور بابو - سڀ ڇڏي دفتر ھليا
ڪرنل ھليا جرنل ھليا - پوليس جا پرور ھليا
توب خانا ۽ بندوقون - سڀ ڇڏي لشڪر ھليا
ڌن ڇڏي دولت ڇڏي - ۽ گھر ڇڏي بستر ھليا
سڀ ڇڏي ڀهالاج هتڙي - پير پيغمبر ھليا

هن طرح ڪال ڌمڪي سان ساوتريءَ کي چئي اُٿي ستيوان جو ساھ ڪڍي هليو ۽ ساوتريءَ کي ڇپائين تہ هاڻي پنهنجي طاقت کي آزماءِ، روءُ پر ڪا ۽ پر هٿ جو ايهو نتيجو آهي - ايتيون چوندو پر تي ويو ۽ ڪال پند پر تي ڪندو ويو - پٺيان ساوتري بہ روئندي رڙندي هلي، جڏهن ڪجھہ پند ڏانهن ڪال هليو پٺيان نهاري تہ ساوتري بہ اچي پيئي، وري بہ ڪري ساوتريءَ کي ڌمڪائي چوڻ لڳو تہ هي مرت لوڪ جي استري تون ڪيڏانهن هلي آهين ڪجھہ چوڻ مڃ رستي ۾ توکي تڪليف ٿيندي، پر پنهنجو ۽ منهنجو وقت خراب ڪري رهي آهين، تنهنڪري موٽي وڃ. ساوتري ڪال جا ايهي وچن ٻڌي چوڻ لڳي تہ مان اڪيلو ڪوتہ موٽندس، جيستائين سوامي جو ساھ نہ ملندو، موٽڪي موٽي وڃڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي، سو مهرباني ڪري يا ساڻ وٺي هل يا ستيوان جا پراڻ ڏي - ڪال ايها وارتا ٻڌي ساوتريءَ کي چوڻ لڳو تہ تنهنجي مرضي ستيوان جو ساھ تہ ڪنهن بہ صورت ۾ توکي نہ ملي سگهي - ايتيون چئي ڪال وري اڳتي وڌي هليو، پٺيان ساوتري بہ روئندي هلي ۽ چوندي هلي -

(پڇڻ راڳ پهلو ٥٧)

ٽل- مونکي جيتاري جهت- سوامي سٽيوان ڏي
اڳلا کي ايهو - ديالو دان ڏي
١- ڏؤر دنيا جا- ڪين گهران ٿي- صرف سهاڳ جو- مونکي سامان ڏي
٢- يا تہ قتل ڪر- ماري کهاڙي- يا تہ پتيءَ جو جهت جيئدان ڏي
٣- ڪر نہ اُگهارو- مونکي دنيا ۾- ٻانهن جو ٻيلي- بير ٻلوان ڏي
٤- ايهو عرض پهلاج - جو آهي
سکهو سٽيوان ڏي - فڪر گيان ڏيان ڏي

هن طرح ساوتري ڪال ڀڳوان جي پٺيان هلندي هلي، ڪجهه دير ڪان پوءِ ڪال نهاري تہ ساوتري پٺيان پيئي اچي، متي متي سر سان پنهنجي پتيءَ جا پراڻ پيئي گهري. ڪال ويچار ڪيو تہ هن مائيءَ کي پتيءَ ۾ ڏاڍو پريم آهي مون بہ دنيا ۾ هزارين استرين جا مرد ماريا هوندا پر اهڙو پريم اجان سوڌو ڪنهن ۾ مون ڪو نہ ڏٺو - جهڙو هن استريءَ جو آهي ۽ سندس سڀاءُ سيتل، مٺو ڳالهائڻ، سادي ورتي! انهن لڇڻن تہ اڄ منهنجي من کي نرم ڪري ڇڏيو پر ڪريان ڇا پتي تہ هن جو ڪنهن بہ صورت ۾ جي نٿو سگهي - جو ورڌاتا جي انڪہ کي ڪوئي نٿو مٽائي سگهي، ۽ نڪا مون ۾ طاقت آهي جو سٽيوان ۾ ساهہ وجهان. هڪ انهيءَ قاعدي مونکي قيد ڪيو آهي، ٻيو هن استريءَ جي گڻن مونکي نرم ڪري ڇڏيو آهي، سو ڪهڙو اُپاءُ وٺان جنهنڪري هيءَ نيڪري راضي ٿي ڪري گهر موٽي وڃي. ايهو ويچار ڪري ڪال ڀڳوان ساوتريءَ کي سڏ ڪري چوڻ لڳو تہ هي ماتا تنهنجو پتي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ جيئرو نٿو ٿي سگهي باقي مان تنهنجي متي سڀاو کي ڏسي پرسن

ٿيو آهيان، سو سعيوان کان سواءِ ٻيو ڪجهه مون کان وٺي موٽي گهر وڃ - ساوتري ڪال ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي دل ۾ چوٽ لڳي ته ٻئي کان سواءِ ٻي ڪهڙي پياري وستو آهي جا گهران هتي ته هي ڏيئي لٿو سگهي سو ٻيو ڇا وٺان - اهي ٻه ڇهائيندي آخر ويچار ڪيائين ته ڀلا ٻيو ٻه جيڪي وٺي سو وٺي ته ڏسان ائين چئي ساوتري ڪال ڀڳوان کي چوڻ لڳي جي اوهان پرسن ٿيا آهيو ته مونکي سس سهري سورداس جون اکيون ڏيو جو هو اکين وانگر سڄا ٿين -

(ڀڄن راڳ ڀئرويءَ ۵۸)

ٽل - ڪري ڪال ڪرپا. ڏيو دان مونکي - جنهين لئه ٻڌايو - آ ڀڳوان مونکي

۱ - اڌرسس ۽ سهرو - سورداس گهر ۾ - انهن لئه اکين جو - ڏي سامان مونکي

۲ - اکين کان سواءِ آهي - اونده اگهڻ ۾ - ڀنڀي لئه نيڻن جو - ڏي نيشان مونکي

۳ - هميشه هلان پنهنجي - هلندي دنيا ۾ - ايهو سيکه سوامي - ڏي وردان مونکي

۴ - ٻين جو ڀلو - سوئي ڀلاج پنهنجو - هميشه ڏکوءَ جو - ڏيو ڏيان مونکي

ساوتريءَ جي هنن مٺن وچنن کي ٻڌي ڪال ڀڳوان ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هيءَ استري ڌن آهي جو پنهنجو سارو ممت ڇڏي سس سهري جون اکيون ٿي گهري، تنهنڪري مون وٽن ڪيو آهي سو انکي پرسن ڪرڻ گهرجي - ايهو دل ۾ پهچائي ساوتريءَ کيءَ چوڻ لڳو ته هي نينگري تنهنجي مٺي آواز منهنجو من موهي ڇڏيو آهي، تنهنڪري آءٌ راضي ٿي ڏوکي ور ٿو ڏيان ته جڏهن سس سهرو سورداس تنهنجو هتان موٽڻ مهل درشن ڪندا ان مهل سندن اکين وانگر اکيون کلي پونديون، جي هميشه قائم رهنديون، وري سندن نيترن جي جوت گهٽ ڪا ن

ڏيندي ۽ هاڻي تون موٽي وڃ - وڃي سس سهري ٻنهي جي پيرسان
شيوا ڪري جنم سڦلو ڪر - ساوتري ڪال جا ايهي وچن ٻڌي دل
۾ پرسن ٿي ۽ ويهي رهي - جڏهن ڪال اٿي هلڻ لڳو ته وري
پٺيان ساوتري ۾ سر جھڪائيندي ۽ عرض ڪندي هلي -

(ڀڄن راڳ پيلو ٥٩)

ٿل- مونکي ڇڏي ڏي تون ٻراڻ پيارو - ٻراڻ پيارو جيئڻ جو جيارو

١- ڪل ڪان سڪندي ڏاڍو ڏيندي - ڇا هي عرق لڙه چهري تي چڙهندي
ناريئڙ جو ٻي سونهي نظارو

٢- ساڻ رهي ٿي وڻن سان ڇا ڏيا - جوت ٻنان جيئڻ رهي نه ڪا يا
تيئن ٿريا جو آسوامي سهارو

٣- ڪين ڇڏي ٿو چنڊ کي چمڪو - جدا جواهر کان ٿيندو نه دمڪو
نيهي کان ٿٽي نيهن نه نيارو

٤- پريم ٻنان پهلاج اڪياني - ناس ڪري ٿو ٻنهجي جواني
مونکي دنيا ۾ تون ڪر نه اُکارو

هن طرح ساوتري ڪال جي پٺيان سويلي نموني ۾ پنڌ ٻه ڪندي هلي ۽ ڪڙائيندي به هلي ، جنهنڪي ڪال پڇوان ٻڌي پٺيان نهاري ته ساڳي استري پيئي اچي ، جنهنکي ڏسي بيهي رهيو ۽ سڏ ڪري ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته هي نينگري تون تمام مونکي ستائي رهي آهين ، اڃان توکي ڪهڙي کهرج آهي جو پوئتي لڳي هلين ، توکي مون چيو ته ستيوان جو ساهه کڻي نه صورت ۾ نه ملي سگهندو پوء منهنجي پٺيان ڇو پنڌ ڪري رهي آهين ، جيڪڏهن توکي ڪا ٻي ه شي ستيوان کان سواء کهرجي ته گهري وٺ باقي ستيوان جي آڇ ڇڏي ڏي ، اجايو پاڻ کي ڏکن ۾ نه

وڃج ، منهنجو ڇوٽ ست ڪري مڃ - ساوتري ڪال ڀڳوان جا
ٻي واڪ ٻڌي هٿ جوڙي ڇوٽ لڳي ته سوامي غصو نه ڪريو
جيڪڏهن موکي هٿئي جا پراڻ نٿا ڏيو ته ڀلا جيڪي مان گهران سو
ڏيو - ڪال ٻڌي ڪري ساوتريءَ کي ڇوٽ لڳو ته ڀلا گهر مان
تنهنجي سپا وکي ڏسي ديالو ٿي پيو آهيان نه ته جنهنجو ڏالو ڪال
تنهنجي دل تي ديا سڀئي ۽ ٻه ڪا ڪا ايندي آهي ، سو جلدي
جيڪي کپيئي سو وٺي گهر موٽي وڃ - ساوتري ٻڌي ڪري هٿ
جوڙي ڇوٽ لڳي ته سوامي منهنجي سس سهري کي ساڳيو راڄ
ڀاڳ ملي جو وري اُن اوڄ ۾ اچن

(ڀڄن راڳ مانجهه ٦٠)

ٽل- ساڳيو ڏسان اکين سان - مان نام جو نظارو
اُن اوڄ تي ڏسان اڄ - پنهنجو وطن وڃارو
١- سهري ۽ سس کي جيئن - نيڻن جو دان ڏينو
تيئن ڏي راڄ ڏن کي - سوديش جو سوپارو
٢- آشا اڻمر نه ٻي ڪا - ايهائي آ اندر ۾
اُن تخت تي ڏسان - مان وهندو ٻٽا پيارو
٣- ڀا پين جي پاڙ پٽجي - سچ جو جهنڊو جهلايان
هڪ وار ملڪ سارو - ٿئي رام راڄ وارو
٤- ڀلا ڄ هيءَ ڀڄائجي - من جي مراد منهنجي
وٺي ڪنڊ جان ڏسان مان - ڀارت کي اڄ ڀلارو

هن طرح ساوتري ڪال ڀڳوان کان ساڳيو راڄ ڀاڳ سس
سهري واسطي گهرڻ لڳي - ڪال ڀڳوان ٻرسن ٿي ڪري ساوتريءَ
کي چيو ته ٻي ساوتري تنهنجي ديا سان راجا ڏمتسين کي ساڳيو

راڄ ۽ تخت ملندو، هاڻي تون موٽي وڃي ستيوان جو ڪرا
ڪرم ڪري سس سهري سان راڄ جو مزو ماڻ ۽ منهنجو هيڏو ڇڏ.
ڪال ائين چئي ستيوان جو پراڻ ڪڍي وئڪنٺ ڏي هلندو
رهيو اچي تارا منڊل ۾ پهتو - ڇت ۾ ڇپائين ته هاڻي هن هنڌ
ساوتري ڪانه اچي سگهندي - هيڏانهن ساوتري بہ ورولي وري
پنهنجي يوگ شڪتيءَ سان ڪال جي پٺيان هلندي هلي ۽ اچي
تارا منڊل ۾ پهتي - ڪال پٺوان پٺيان نظر ڪري ته ساڳي
استري هت پهچي ويئي آهي سو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته
هن نينگريءَ ۾ ڏاڍي طاقت ٿي ڏسجي جو تارا منڊل تائين پهچي
ويئي آهي سا شايد وئڪنٺ تائين مونکي ڪونه ڇڏيندي تنهن
ڪري اُنکي پيو بہ ڪجهه اٿي ڏيئي پوئتي روانو ڪجي - سو
ڪال پٺوان ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته هي نينگري تون تمام هٺيلي
ٿي ڏسجين، اجهان پوئتي نٿي هٽين هتان ڪان اڳتي هلڻ جي
توکي موڪل نه آهي سو مهرباني ڪري هتان ئي موٽي وڃ
ساوتري ڪال پٺوان کي جواب ۾ چوڻ لڳي ته هي سوامي
مونکي اُتي پهچڻ جي طاقت آهي جتي تون بہ نہ پهچي سگهين
پر جيڪڏهن توکي موٽائڻو آهي ته مونکي پتيءَ جا پراڻ ڏي ته موٽان
نه ته جتي تون تتي مان - ساوتريءَ جا هي لفظ ٻڌي ڪال چوڻ
لڳو ته ستيوان جو ساهه توکي مرندي تائين ڪونه ملندو، باقي ٻيو
ڪجهه گهرڻي ته وٺي موٽي وڃ پر وري هتان ڪان اڳتي نه هلجان ۽
جو هاڻي ستيوان جي ساهه ڪان سواءِ جو ڪجهه گهرڻو هجيئي سو
گهر - ساوتري ڪال جا هي وچن ٻڌي ڪري چوڻ لڳي ته پيا
منهنجي پتا کي پٽر سنتان ڪانه آهي اُنهن کي هڪ سؤ پٽن جو
ڏيو، جيڪي سڀاتر ۽ گڻوان هجن جو ساري راڄ جو ڪاروبار هلائين
اهڙا سڀاتر پٽر منهنجي پتا کي ملن. ڪال پٺوان ساوتريءَ جي

سياوتي ريجهي چوڻ لڳو ساوتري وچ تنهنجي پتا ماتا کي سؤ پٽن
جو ٻه ملندو ماڻي موتي وچ - انهن ڇتي ڪال ملڻ لڳو، اچي چند
منڊل ۾ ڀهتو ، هيڏانهن ساوتري ٻه پتيان پنهنجي پوکر ڪلا سان
ڪال پتيان هلندي هلي ۽ چوندي هلي ، ڳائيندي ۽ عرض
ڪندي هلي .

(ڀڄن راڳ ڀرپائي ٦١)

ٿل - پتي منهنجو پراڻن - ڪان پيارو ڏي جلدي
نماڻيءَ جي نيڻن جو - تارو ڏي جلدي
١ - هٿيءَ ري نہ پنٿي - وڃان مور موٽي
مون اٻلا جي من جو - آڌارو ڏي جلدي
٢ - ستيءَ جو مٿي ڏي - نہ ڪرڻ پاپ ڀاپي
انڌن جي اکڻ جو - اُجيارو ڏي جلدي
٣ - ڪڏهن باغ ڪان ڏار - بلبل نہ ٽيندي
گلن ۽ ڦلن جو - ڦوهارو ڏي جلدي
٤ - سهاڳڻ کي ڀلاج - وڏوا نہ ڪرتون
سهاڳڻ جي سر جو - سهارو ڏي جلدي

هن طرح ساوتري ڪال ڀڳوان جي پتيان ڪويل واري
ڪوڪ ڪندي هلي اچي چندر منڊل ۾ پهتي - اجان ڪال
پتيان نهاري تہ مار ساڳي نينگري هتي بہ اچي پهتي آهي ، ڪال
ڏسي ڏاڍو خيال ۾ پيئجي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ڇا ڪريان هڪڙي
پاسي ايشوري قاعدو پئي پاسي سچ جو قائدو ماڻي نہ سگهي ٿو
ڌامي سگهان نہ سگهي ، سو ڇا ڪريان - نيت ويچار ڪيائين تہ
ساوتريءَ کي ستيوان جو ساهہ تہ ڪنهن بہ صورت ۾ نٿو ڏيڻي

سکهان، باقي ٻيو ڪجهه ڏيتي موٽايان. سو ساوتريءَ کي چوڻ لڳو ته هي نينگري مون توکي سؤ وار چيو ته ستيوان جو ساهه نه ملندءِ ۽ ٻه پنهنجي هٿ تان هيٺ نٿي لهين - ساوتري ڪال جا هي واڪ ٻڌي چوڻ لڳي ته مهراج جنهنجو جيڪو ڌرم ٿيندو آهي سو پنهنجو ڪين ڇڏيندو آهي.

شعر

چندن سڳندي نا ڇڏي - چاهي سڙي سؤ وار
بجلي باهه نا ڇڏي - چاهي برسي مينگهه اپار
ساڌو شانتي نا ڇڏي - چاهي سؤ سؤ کائي مار
سبزي ساوڪ نا ڇڏي - چاهي لکون لڳن هزار
مڇلي ڇڏي نه نير کي - چاهي مري ٿئي مردار
ڪوئلو ڪارنهن نا ڇڏي - چاهي صابڻ هڻو هزار
ناري ڇڏي نه نر کي - چاهي سهسين ملن سينگار
تيندي ڪڏهن نه ڌار - تيئين ساوتري ستيوان کان

ساوتريءَ جا هي سچ جا ڀرلاءِ ٻڌي ڪال ڀڳوان سوچ ۾ پئجي ويو چوڻ لڳو ته ساوتري ستيوان جي ساهه وٺڻ کان سواءِ مشڪل موتي ٻر جيڪڏهن ستيوان جو ساهه ڏيندس ته ايشوري مريادا ملڪ مان مٽي ويندي، هاڻي هن نينگريءَ کي ڪهڙيءَ طرح هٿ تان هيٺ لاهيان - ايهو ويچار ڪري ساوتريءَ کي ڪال ڀڳوان چوڻ لڳو ته هي ماتا جنهن هٿ تي تون بيٺي آهين سا تنهنجي مراد ڪنهن به صورت ۾ ڪا نه پوري ٿي سگهندي ۽ تون اجايو پنهنجو وقت به ٿي وڃائين ۽ منهنجو به ٿي وقت وڃائين، تنهنڪري ٻيو ڪجهه مون کان وٺي تون گهر موٽي وڃ ته ٻهتر جو

پٽيان سٽيوان جي لاش کي ڪوئي جانور نه کائي وڃي ۽ ٽوڪي ۽
سٽيوان کي ڇتي سورداس پيا ڳوليندا هوندا، تنهنڪري جلد
انهن کي خبر پهچاءِ سو جلدي گهر سٽيوان کان سواءِ ٻيو جيڪي
ٻه ڪپيٽي - ساوتري ڪال ڀڳوان جا ايهي وچن ٻڌي هٿ جوڙي
چوڻ لڳي ته مهراج ڀلا جي تون ٻئيءَ جا پراڻ نٿو ڏين ته ڀلا موڪي
سس سهري ۽ پنهنجي سکي وقت گذارڻ لاءِ هڪڙو سپاتر پٽ ڏي
جو ٻنهي ڪلن جو اُڌار ڪري سنتان کان سواءِ جيڪو راڄ
ملندو تنهنکي ڪير ويهي هلائيندو سس سهرو ٻئي ٻڍا آهن جن
کان ايڏو ڪاروبار مشڪل ٿيندو سو هڪڙو سپاتر پٽ ڏي جو
پٽ کان سواءِ گرهستيءَ جو اڱڻ اونده مثل آهي پٽيان پنج پترڪرڻ
وارو ٻه ڪو نه ٿو رهي سو سپاتر پٽ ڏي -

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٦٢)

ٽل - جنهن اڱڻ ۽ ديش ۾ - سٽيوان جان سنتان آهه
سو اڱڻ ۽ ديش سارو - سرڳ جو سامان آهه
١ - گل گلابي ۽ چنبيلي - گينڊو آ جنهن باغ ۾
اندر پارڪ جي مثل - سو ڀوءِ تي ٻستان آهه
٢ - تيئن سپاتر پتر سان - گهر ٻار سونهي ٿو سدا
۽ ڪپاتر پتر گهر ۾ - نرڪ جو نيشان آهه
٣ - سؤ ڪپاتر کان ڀلو - هڪڙو سپاتر پٽ هجي
ڪروڙ تارا ڪنهن نه ڪم جا - چنڊ هڪ لاثان آهه
٤ - پريم سان ڀلاج جنڙو - پتر ڏي پرماتما
ديش شيوا جو سدا - جنهنجي اندر ۾ شان آهه

هن طرح ساوتري ڪال ڀڳوان کان سهاڳ ور پڻ گهرڻ لڳي. ڪال ڀڳوان پرسن ٿي ساوتريءَ جي پريم کي ڏسي ڪيس چوڻ لڳو تہ ساوتري وڃ توکي سهاڳ پٽ هڪڙو ڄمندو جو پنهنجي ڪل تاريندو ۽ پرجا کي سکي ڪندو، هاڻي تون موٽي وڃ تنهنجا سڀ ڪم ٿيا سو هينئر منهنجي پٺيان ڪنهن بہ صورت ۾ نہ اچجان. ۽ ستيوان جو سنسڪار ڪري وڃي سس سهري کي بہ درشن ڏي جو هو وري سڄا ٿين ۽ راڄ جو سک ماڻين ۽ توکي بہ سک ڏين. پيو ماتا پتا کي بہ موهن ڏيکار جو ڪين سنتان ٿئي سو هاڻي موٽي وڃ.
ساوتري ڪال ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي ڪيس چوڻ لڳي تہ سوامي توهان جو موٽڪي هڪ پتر جو ور ڏنو ۽ وري چئو ٿا تہ وڃي گهر ۾ رهہ سو پتيءَ جو پراڻ تہ توهان ساڻ وٺي ٿا وڃو پوءِ موٽڪي سهاڳ پتر ڪنهن مان پيدا ٿيندو، پتيءَ کان سواءِ جيڪڏهن سنتان ٿيندو تہ اُنکي سهاڳ نہ سڏبو پوءِ يا پنهنجي وچن کي ڪوڙو ڪريو يا ستيوان جو ساهہ موٽائي ڏيو جنهن مان وڃي سهاڳ سنتان کي اُتپن ڪريان، جيڪا اوهان جي مرضي - جلدي ڪريو- جواب ڏيو نہ تہ مان اوهان کي ڪوڙو ٻڌائي سراپ ٿي ڏيان جو ستيءَ جو سراپ ساري برهمانڊ کي ڀسم ڪري ٿو. ڪال ساوتريءَ جا هي ڀي ڀريا وچن ٻڌي ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو ۽ ساوتريءَ جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو تہ هي ستي تون موٽڪي سراپ نہ ڏي آءٌ توکي ستيوان جو ساهہ ڏيان ٿو، برابر تو جهڙي دنيا ۾ ستي اڄ ڏينهن سوڌو ڪانڪا پيدا ٿي هوندي تو پنهنجي پتي ڪلن جو اڌار ڪيو، جي استري هجي تہ اهڙي هجي

(ڀڄن راڳ ڀيروي ٦٣)

ٽل- ناري نندي نہ ڪوئي - نر جو سينگار ناري
ناري سدا پياري - نر جو آڌار ناري
١- سيتا ان ستي ڇوڙا لا - ميران مدالسا ٻيي
ڪنتي ڪماري ڪرمان - جڳ جو جيئار ناري
٢- ميٺا وڻي ۽ نادا - سري گارگي ۽ گوپيون
لوئي ششيلا ديوي - سڀ جو سڌار ناري
٣- ناري گرهستيءَ خاطر - گهر جو وزير آهہ
گلشن بڻائي گهر کي - بيحد بهار ناري
٤- ڀلاج نرسي نامو - ڀيرو ڌرو ۽ گوپي
ناريءَ مان ٿيا مڙيئي - ملڪي مدار ناري

هن طرح ڪال ڀڳوان ساوتريءَ جي سارا ڪري ڪيس ستيوان جو ساهہ ڏلو ۽ ور بہ ڏنو، ڪهڙو ؟ جو اڄو ڪي ڏينهن ويساکہ جي چوڏس سهائي ڏينهن جيڪا استري ساوتريءَ جو هميشہ ورت رکندي آهي جو پڻ بہ امر رهندو ائين چئي ڪال ڀڳوان انتر ڌيان ٿي ويو ۽ ساوتري پوئتي موٽڻ لڳي - ٿوريءَ دير ۾ اچي ستيوان جي لاش وٽ پهتي، ايشور اڇا سان ساهہ ستيوان ۾ پرويش ڪري ويو ۽ ستيوان اٿي ڪڙو ٿيو، جڻڪ گهور ننڊ مان جاڳيو ۽ چوڻ لڳو ساوتري مون اڄ ڀيانڪ سپنو لڌو هو جنهن ڪري منهنجو سرير ڪومايل ٿو ڏسجي - ساوتريءَ چيو سوامي سپنو نہ هو پر سچي ڳالهہ هئي انهيءَ بدل ۾ هوا تہ هو ڏاڍهن دير پوڻ ڪري ستيوان کي ماتا پتا ڳولهڻ واسطي نڪتا سي نرڀيان سڌ ڪندا ٿي آيا تہ هي ستيوان هي ساوتري، ستيوان ايسي سڌ ٻڌي ساوتريءَ سميت اچي ماتا پتا جي چرڻن تي ڪريو تہ اتري ۾ پنهي

سوڊاسن ڄڻن اکيون کلي ڏٺيون - اهو اچرج ڏسي حيران ٿي ويا، تنهن کان پوءِ کين ساوتريءَ سارو حال ٻڌايو جو ٻڌي خوش ٿيا ۽ سڀئي گڏجي آسڻ تي اچڻ لڳا ۽ آشرم تي اچي اهي ساڳيا وزير ويٺا هوا جن ستيوان جي پتا جون اکيون کڏي راڄ کسي ورتو هو، سي چرنن تي ڪري راجا کان معافي وٺي کين وري راڄ گديءَ تي وٺي ويا ۽ ساڳيءَ طرح راڄ ڪرڻ لڳا - اهڙيءَ طرح ساڳين موجن ۾ راجا ڏمتسين ڪٽنب سميت وقت گذارڻ لڳو - وري هوڏانهن آهستي آهستي ساوتريءَ جي ماتا پتا کي اولاد ٿيڻ لڳو - جي اچي سؤ پٽ ٿيا - هن طرح ساوتري پت ڌرم پالي ساري ڪٽنب پرواري کي سرڳ جو سامان بڻايو جي اتهاس ۾ اڄ تائين مشهور آهن - هن طرح ساوتري ستيوان سميت ڀارت اندر سرڳ ۾ گذارڻ لڳي - آخر وقت گذرڻ بعد ٻئي ڄڻا لوڪ ڇڏي وڃي ايشور جي لوڪ واسو ڪيائون -

ڪٿا سمپورڻ



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.